
[غزل]
وڃايا ريت
۾
پيرا
امداد سهتو

وڃايا ريت ۾ پيرا

(غزل)

امداد سهتو

ڊجيٽل ايڊيشن

2023ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

BOOK NO (10)

سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ هٿيڪا

ڪتاب جو نالو: **وڃايا ريت ۾ پيرا**

موضوع : شاعري

شاعر: **امداد سهتو**

پهريون ڇاپو : مارچ 2022ع

لي آئوٽ: اصغر شر

ٽائيٽل: آصف رضا نظاماڻي

ڇپائيندڙ: **شعور پبليڪيشن حيدرآباد**

Asgharshar14@gmail.com

03033831967

ملھ : 500 روپيه

ڊجيٽل ايڊيشن: سنڌ سلامت ڪتاب گهر

www.sindhsalamat.com

2023ع

WINJAYA REET MEN PERA

Poetry

By: **Imdad Sahito**

layout: Asghar Shar

First Edition: 2022

Published by: Shaoor Publication, Hyderaabad

ڪتاب ملڻ جا هنڌ

شعور ڪتاب گهر پڪا چانگ - ڪنول پبليڪيشن& بڪ هائوس حيدرآباد - دانيال ڪتاب گهر قاسم آباد - تهذيب بڪ اسٽور خيرپور ميرس - رابيل ڪتاب گهر لاڙڪاڻو - رومي ڪتاب گهر گدو چونڪ حيدرآباد - المهراڻ ڪتاب گهر، سانگهڙ - سليمان برادرس، نواب شاهه - مدني بڪ اسٽور، دادو سنڌيڪا ڪتاب گهر سکر - سارنگ ڪتاب گهر، سکر سمبارا ڪتاب گهر، حيدرآباد. ڀٽائي بڪ اسٽور، حيدرآباد، سچل ڪتاب گهر حيدرآباد

ارپنا

آءُ پنهنجو هيءُ پهريون قلمي پورهيو
ارپيان ٿو پنهنجي جيجل امڙ:
حميده بيگم
۽ والد **عبدالرحمن** سهتو جي نالي.

امداد سهتو

سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت ڪتاب گهر پاران نامياري شاعر امداد سهتي جي غزلن جو مجموعو ”وڇايل ريت ۾ پيرا“ اوهان اڳيان پيش آهي.

امداد سهتي جي غزلن جي پنهنجي بيهڪ، رَسُ ۽ چَسُ آهي. هو بنيادي طرح رومانٽڪ شاعر آهي ۽ سندس غزلن ۾ دل لڳيءَ جو اهو رنگ خوب پسي سگهجي ٿو. امداد سهتو سدائين اميدن جون مشعلون ٻاري پنهنجا شعر لکندو رهيو آهي ۽ هن پروسي ۾ اميدن جي ان ڏيئي کي وسائڻ ناهي ڏنو ۽ اها ڳالهه سندس غزلن مان پروڙي سگهجي ٿي. امداد سهتي کي سنڌ ۽ انسانيت سان پيار آهي جنهن ڪري هو سماج جي بدبودار روايتن خلاف کُلي لکي ٿو. امداد سهتي جي غزلن ۾ محبوب جون اکيون ۽ وکريل وار، هوا جا جهوٽا ٻڌجي لفظن جو ويس پائن ٿا. هن جي غزلن ۾ سنڌوءَ جي هوائن جي هٻڪار بہ آهي تہ ڪينجهر جي شام جي زرد رنگ جا لباس پڻ پاتل آهن. امداد جي غزلن ۾ ٿرجي پنل واريءَ جي خوشبو به آهي ته محبوب جي لبن جي لالاڻ به آهي. هن وٽ محبوب ڌرتيءَ جو حسين ترين تحفو آهي.

هي ڪتاب 2022ع ۾ **شعور پبليڪيشن، حيدرآباد** پاران ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون امداد سهتي جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ اپلوڊ ڪرڻ جي اجازت ڏني.

محمد سليمان وساڻ
مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

سِٽاءُ

ادارري طرفان:	07
پنهنجي پاران:	08
اَمُهاڳ:	11
مُهاڳ:	16
غَزلَ	**23**
آءٌ جوئي آهيان سوئي آهيان	133

اداري پاران:

امداد سهتو پنهنجي هن شاعريءَ جي پهرين مجموعي ”وڄايل ريت ۾ پيرا“ جي ڇپجڻ سان نئين حوالي طور ادبي دنيا ۾ ايري آيو آهي.
امداد سهتي جي هن مجموعي ۾ مڪمل غزل ئي آهن، جيڪي جديد غزل جو رنگ پَسائي رهيا آهن. سندس غزل موضوع جي حوالي سان وسيع آهي. سندس غزل فني حوالي سان پختا آهن.
امداد سهتو اهو ڀاڳوند شاعر آهي، جنهن کي هر طرف کان محبتون ئي محبتون مليون آهن، جنهن جو ثبوت سندس هي شعري مجموعو آهي.
هن ڪتاب ۾ مختلف ناليوارن شاعرن ۽ اديبن جا رايا امداد سهتي جي شخصيت ۽ شاعريءَ تي ڏنل آهن، جيڪي پڻ سندس شعريت ۽ شخصيت جي حوالي سان سگهارا تعارف آهن.
امداد سهتي جي شاعريءَ جو پهريون ڳٽڪو ”وڄايا ريت ۾ پيرا“ شعور پبليڪيشن حيدرآباد جي طرفان ڇاپيندي ۽ پڙهندڙن جي هٿن تائين پهچائيندي سرهائي محسوس ٿي رهي آهي. اميد ته پڙهندڙن وٽان مثبت موٽ ملندي.

اصغر شر

شعور پبليڪيشن حيدر آباد

03033831967

Asgharshar14@gmail.com

پنهنجي پاران:

هڪ وفادار محبوبه

شاعري من جي موسمن جي ڪڻ ڪڻ آهي جيڪي ماڻهوءَ جي اڻڏٺ ڏمي سان پوندي آهن. شاعري گونگي جا اشارا به آهي ته ٻوڙي جي گهٽ ٻڌڻ ڪانپوءِ دير سان سمجهه ۾ اچڻ وارو فهم پڻ آهي. شاعري صحرا جو ٽڪ به آهي ته شاعري سمونڊ جي اڃ به آهي. شاعري انڌي جو تصور به آهي ته شاعري خوبصورت نيڻ رکندڙ ڇوڪريءَ جي ڪهاڻي به آهي. شاعريءَ ۾ زندگيءَ جا گهڻان ئي موضوع طلسمي انداز ۾ هوريان هوريان انڪشافات جي صورت ۾ سمنڊ جي ٻئي ڪناري جي ڳولا جهڙو جنون اربيندا آهن. ها هڪ اهڙو جنون جنهن جي پڄاڻي جنمن جي حاصلات، زمان و مڪان کان آجي هوندي آهي. جيتوڻيڪ ان صورتحال ۾ جادوگر ختم ٿي ويندو آهي. جيئن تيلي وڏو مڇ ٻاري گم ٿي ويندي آهي پر جادو / مڇ حيات جاودان ٿي ويندو آهي. ان درد جي سلامتي ماڻهوءَ لاءِ ماڻهوءَ ۾ داخليت جو هڪ اونهو ۽ ڏکهو مسڪن پکيڙي ڇڏيندي آهي ۽ روح هميشه لاءِ وڇايل پٿر جهڙو ٿي ويندو آهي، جتي خوشي الهڙ ڇوڪرين جا ٽهڪ به ٿي ويندي آهي، ته ڪڏهن درد به پنهنجا سور اچي پٽيندا آهن. اهڙي عالم ۾ دنيا جي هر خوشي ۽ هر غم سان روح ڇڪار ٿي اٿلڻ چاهيندو آهي ته قلم جي معرفت پنن جا پيٽ پرجڻ معمول ٿي ويندو آهي.

هڪ شاعر ڇا هجي ٿو؟ هو داخليت کان خارجيت تائين هجرت ڪيئن ڪندو رهي ٿو؟ ڪير نه ٿو ٻڌائي سگهي ۽ اهو به ڪير نه ٿو ٻڌائي سگهي ته رواجي تخليق لکڻ وقت سمونڊ جيڏي تڙپ ڇو هوندي آهي؟ ۽ غير معمولي تخليق لکڻ وقت ڪيفيت ٻڌي ۾ چپ سمونڊ جهڙي ڇو هوندي آهي؟ بهرحال

شاعري ڪهڙي به هجي پر ان جي تخليق ٿيڻ جو ڪو ڪارج ضرور آهي. جيئن دنيا جي وجود کي سچ روشن ڪندو پيو اچي تيئن ئي ماڻهوءَ جي ذات جا سمورا درد هن کان ڪنهن نه ڪنهن ميدان ۾ ڪجهه نه ڪجهه ضرور ڪا ڪِرتِ ڪرائي ويندا آهن ۽ ماڻهوءَ جي هليو وڃڻ کانپوءِ اهو درد ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ صدين تائين سلامت رهي ٿو ۽ هر حد تائين اهو درد ئي آهي، جيڪو زندگي جي فنا هوندي به بقا لڳندو آهي.

ٿارو شاهه ۾ بچپن ايل ايم سي (لياقت ميڊيڪل ڪاليج هاڻوڪي لياقت ميڊيڪل يونيورسٽي آف سائنسز) ڄامشورو ۾ ڀرپور جواني جي زندگي جي حسين سفر ۾ هوندي به روز نئين سري سان اکيون کلنديون هيون جنهن ۾ پنهنجو پاڻ کي مڪمل ڪرڻ جي سفر ۾ ڪا ڪمي ضرور رهجي ويندي هئي ۽ اها ڪمي اڄ به اوتري ئي آهي. ها اها ڪمي جا وجود کي فنا ڪري درد کي سلامت رکندي آهي ۽ درد ئي واحد همسفر آهي جيڪو وجود کي هڪ پاسي رکي سوچن جا ست آسمان گهمائيندو آهي ۽ ماڻهوءَ جي هيڪلائپ اصل ۾ درد ئي آهي. دائميت رکندڙهن درد پنهنجي جنم ڀومي کان دور پاڪستان جي مختلف شهرن ۾ ڊيوٽي /هجرت ڪندي مون تي وڌو شفيق رهيو آهي. ان جي شفقت مون کان ڪافي ڪجهه لکرايو جنهن مان گهڻو تڻو مواد هجرتن ۾ گم ٿيندو رهيو آهي. شروع ۾ هندي ڇند تي ڪچي پڪي طبع آزمائي ڪئي. ان مواد جي گم ٿيڻ جي ڏک کي مشق سمجهي نظرانداز به ڪري ڇڏيم پر گذريل سال اڌ ۾ انهن صنفن طرف وري موٽي آيس جيڪي يا ته مون کي نه وڻنديون هيون يا وري مون لاءِ لکڻ مشڪل هيو. انهي تذبذب ۾ مون آخر ڪار غزل ۽ نظم ۾ پنهنجي احساسن کي پناهه ڏني فيس بڪ ذريعي پارس جهڙي ماڻهو ۽ نوجوان شاعر مختيار سهتو سان ڏيٺ ويٺ ٿي ۽ ڏسندي ڏسندي ديرينه خواهش جي پوري ٿيڻ جهڙي رهنمائي ملي ويئي. انهي مختصر عرصي ۾ هي ڪتاب لکجي ويو آهي. توڙي ان عرصي دوران مختيار سهتو جو تخليقي مزاج ڪافي ڊسٽرب به رهيو پر پوءِ به مون همٿ ڪري عروض جي خوبصورت پوپٽ کي جهٽي ورتو. اها ٻي ڳالهه آهي ته هي

منهنجي شاعري ڇا آهي؟ ڇو آهي؟ ڇا لاءِ آهي؟ پر هڪ اميد پريو سفر ضرور ڪيو اٿم جيڪو ٻئي منزل جو ڏس ڏئي پيو شاعريءَ جي صنف ڪهڙي ٻه هُجي پر هن جو مون سان ساٿ سياري جي سرد رات هجي يا آرهڙ جو گرم ڏينهن، هڪ وفادار محبوبہ وانگر رهيو آهي.

امداد سَهتو

امهاڳ:

مورَ ۾ پياسو ٿرُ

جڏهن انسان پهريون دفعو ڳالهايو هوندو ته پهرين سٽ يا جملو شعر ئي هوندو. آسماني ڪتابن کان وٺي ڌرتيءَ جي ڪتابن تائين رديف، قافيي جي وڏي اهميت آهي. سٽن جو هم آواز ۽ هم وزن، بيان کي سهل، مختصر ۽ پر اثر بنائي ٿو. انڪري روءِ زمين جي سمورن وڏن ماڻهن شاعريءَ کي ئي پنهنجي بيان جو ذريعو بڻايو آهي. هومر جي هيلن، گلگامش جا اپڪس، ڪنفيوشس جا لوڪ گيت ۽ سنڌوءَ ڪناري لکيل رگ ويد ائين سمجهو ته ڪله جي ڳالهه آهي. شاعريءَ جو پنڌ اجا قديم، اوائلي ۽ آڳاٽو آهي ۽ اڄ تائين نه کٽو آهي. ڇو ته زندگي اڄ تائين نه کٽي آهي. جيئن زندگي هڪ جيو مان ٻئي جيو ۾ منتقل ٿي وڃي ٿي ائين ئي شاعري به هڪ روح مان ٻئي روح ۾ منتقل ٿي وڃي ٿي.

سنڌي شاعريءَ جو پنڌ به ماموئي بزرگن، قاضي قاضن، مئين شاهه عنايت ۽ شاهه ڪريم کان گهڻو آڳاٽو شروع ڪيل آهي، جيڪو امداد سهتي تائين پهچي به کٽو ناهي، ٿڪو ناهي، بيٺو ناهي ۽ ڪٿي ساهي به نه پٽي اٿائين.

حقيقي شاعري زمان ۽ مڪان جي قيد کان آجي هوندي آهي. ڊاڪٽر امداد سهتي پنهنجي شاعريءَ ذريعي الائي ڪيترن جذبن جي نبض شناسائي ڪري مٺن شعري پٽيون ٻڌيون آهن.

دنيا جا سڀ کان اوائلي شاعر وري قصه گو شاعر آهن. هنن پاڻ کان اڳ ٿيل واقعن کي قصن جو روپ ڏئي شاعريءَ ۾ ڪتب آندو. موجوده شاعرن هِجر ۽ فِراق کان ڌرتيءَ جي دردن کي پنهنجي شاعريءَ ۾ آندو آهي انهيءَ جي باوجود ڏسڻو اهو هوندو آهي ته ڪنهن شاعر وٽ نئون ڪجهه ڪيترو آهي.

امداد سهتي وٽ گهڻو ڪجهه نئون آهي، نج آهي ۽ پنهنجو آهي.

شاعري جا به پنهنجا اصول آهن. شاعريءَ ۾ سڀ کان پهريان اهو ڏسبو آهي ته شعر جو موضوع ڇا آهي ۽ ٻئي نمبر تي اهو ڏسبو آهي ته شاعر ان موضوع سان ڪيئن نياءُ ڪيو آهي.

وقت ۽ حالتون پاڻ سان ڪٿي ڪي ايڪڙ ٻيڪڙ نوان موضوع ڪٿي ٻه ايندڙيون آهن پر ڏٺو وڃي ته اڪثر موضوع ٻه ايترا ئي قديم آهن جيترو انسان.

شاعريءَ جو غالب موضوع فراق ۽ وصال ئي رهيو آهي. اڪثر شاعري عاشق ۽ سندس معشوق جي وچ تي پُل وانگر بيٺل رهي آهي. پر ڪجهه روايت شڪن شاعرن شاعريءَ کي هن بيهڪ کان ٽوڙو هٽائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

دل جي ڏرتيءَ تي عشق توڙي جو مينهن جو ڪم ڪري ٿو پر مينهن ٻه جيڪڏهن سڄو ڏينهن وسندو ته بيزار ئي ڪندو. انڪري اس ٻه کپي، ته چانو ٻه. ڏينهن ٻه کپي ته رات ٻه. چارئي مندون ٻه کپن ته اٺ ئي پهر ٻه. ست رنگ ٻه کپن، ته ست سمونڊ ٻه. مطلب ته جيتري گهڻي ويرائٽي اوترو گهڻو مزو. اچو ته مان اوهان کي امداد سهتي جي ڪتاب "وِڃايل ريت ۾ پيرا" منجهان ڏيان ڇِڪائيندڙ ۽ روح کي ڇُهندڙ شاعريءَ مان ڪُجهه بندَ پڙهايان:

مور ۾ ٿو رهي ٿر پياسو اجا.
روح جنهن جي خوشيءَ ڪاڻ برسي پيو.

***

گفتگو باهه جهڙي چورن جي.
ماٺ پوڙهو مري اٿي آيو.

***

اڄ اهو ماهه رو روبرو ٿي وڃي.
شاعريءَ جي زبان گفتگو ٿي وڃي.

***

آءٌ جوان جذبا رکندو هان.
تون الڪا پوڙها ڏيندو آن.

***

ستمگر! ڏي ستم تنهنجو نهايت ئي الڳ آهي.
جا رسوائيءَ ۾ گذري سا قيامت ئي الڳ آهي.

***

خزائن ۾ ڇٽي خوشبو ڇڏي ناهي ڪڏهن گلڙن،
بهارن ۾ انهن جي يار قسمت ئي الڳ آهي.

***

اثر ڏاڍو رکي حاذق! تنهنجو دارون جگر تي پيو،
ڪيون ڇا پر اسان جي هي طبيعت ئي الڳ آهي.

***

غزل تي غور ڏيئي تون ڪڏهن سمجهين پڙهين جي هي.
رهيو انداز منهنجو تو بدولت ئي الڳ آهي.

***

-شاعري تنهنجي ڪري آهي فقط،
ٻي اجا تعريف هاڻي ڇا ڪجي؟

***

-ڪوئلي ڪاٺ ۾ ڦڦڙ زخمي،
پيٽ لاءِ هٿ سياهہ ٿو ڪريان.

***

-پائي گيڙو لٽا فقيريءَ جا،
فرش کي تخت گاهہ ٿو ڪريان.

-رقص ۾ هي زندگي گذري وئي،
پير ۾ زنجير پاتل ٿو ڏسان.

***

-گهڙي ريل دردن جي ترساءِ ڪجهہ،
ٻري جيستائين هو سائي بتي.

***

-ڪو بہ ناهي جو مسيحائي ڪري،
مورڳو بيمار ئي رهجي ويا.

***

-ٻار پرچي نہ ٿو منهنجي اندر جو هي،
ڪيس آڱر وني ٿو گهمايان ڏسو.

***

-تنهنجي اقرار جو آ وهائو پري،
آس جو ئي ڪٿي نور جاڳي پيو.
***
-عشق وارا ڇو صليبن کان ڊڄن،
موت جي گفتار تي آ ڀروسو.
***

غزل جو سفر عربستان ۾ ايران کان ٿيندو نندي ڪنڌ پهتو. هند کان ٿيندو سنڌ پهتو.

جهڙيءَ ريت هوائن ۾ دعائن جي ڪابہ سرحد نہ ٿيندي آهي، جهڙيءَ ريت پکين ۾ اڪين جي اڏام کي ڪو روڪي نہ سگهندو آهي، جهڙي ريت فن، ڪلا ۾ ذات کي ڪنهن بہ هڪ قوم يا علائقي جي ميراث نہ ٿو سمجهيو وڃي، اهڙيءَ ئي ريت فڪر، فلسفو، ڏاهپ ۾ شاعريءَ کي ڪنهن علائقي، سرحد يا حدبنديءَ جي پڃري ۾ قيد نہ ٿو ڪري سگهجي.

فڪر، فلسفو، ڏاهپ، شاعري يا ايجادون ڪنهن هڪ شخص سان صرف ان ڪري منصوب ٿيل هونديون آهن تہ جيئن خبر پوي تہ ڪهڙي دؤر ۾ ۽ ڪهڙين حالتن ۾ انهن جو ظهور ٿيو. باقي سمورو ورثو گڏيل ۽ مشترڪ آهي. شيڪسپيئر جي ناول جي سٽ بہ منهنجي اوتري ئي رهنمائي ڪري سگهي ٿي جيتري لطيف سائين جي شاعريءَ جي بيت جو ڪو پد.

امداد سهتي پنهنجي شاعريءَ کي رهنمائيءَ جو اظهار بڻايو آهي، انهيءَ ۾ ڪيترو ڪامياب وڃي ٿو، اهو تہ ايندڙ وقت ئي ٻڌائي سگهي ٿو. آنءُ سندس قلمي پورهئي لاءِ ايترو ضرور چوندس تہ "وڃايل ريت ۾ پيرا" هڪ اهڙو قيمتي تحفو آهي جيڪو پنهنجي محبوبہ کي سُوکڙي ڏئي سگهجي ٿو!

ڊاڪٽر خادم منگي
سکر سنڌ
15.02.2022

مهاڳ:

ڪلٽو ملٽو سندر سهتو

ڊاڪٽر امداد سَهتي سان جڏهن بہ ڳالهہ ٻولهہ ٿيندي رهي ٿِي تہ سندس ماڪيءَ جهڙي مِٺڙي لهجي مان سندس شخصي سندرتا تہ ظاهر ٿي ئي پوندي آهي پر پنهنجي ويسر جي مرض سببان نہ ئي سندس صورت سامهون ٿي سگهندي آهي، نہ ئي اهو ڄاڻي سگهندو آهيان تہ اهڙي شفيق دوست سان زندگيءَ ۾ ڪڏهن ۽ ڪٿي ملاقات جو شرف ماڻيو اٿم؟ پر سندس مٺڙي من جي مڌرتا من اندر مهڪ پري ڇڏيندي آهي، ۽ سچ تہ ائين لڳندو آهي تہ اسان سدائين ساڻ رهيا آهيون ۽ سچ پڇو تہ سندم هينئين اندر موجود حساسيت باعث سندم سور ڏور ڪري ڇڏيندي آهي. زندگيءَ جي هن موڙ تائين الائي ڪيترن محبوب ماڻهن جون محبتون ميڙيون اٿم، پر هن شخص جي محبت جو رنگ سيني ڪان اُتم ۽ اعليٰ پائيندو آهيان. سندس شخصيت تي تہ گهڻو ڪجهہ لکي سگهجي ٿو پر طوالت ڪان پري ٿيندي، مختصر طور سندن شخصي اپٽار بعد، اچو تہ سندن تخليقي رنگن ۾ رنگجي بطور شاعر "وڇايا ريت ۾ پيرا" نالي سان پياري امداد جي پهرين مجموعي، جيڪو سمورو غزلن تي مشتمل آهي، سندن شعري رنگينين تي هڪ نظر وجهون:

"مِثال طور:

آ وڇايو وقت پنهنجو دل لڳيءَ ۾!
پيار پرتي آ رهيو هن زندگيءَ ۾!

هن غزل ۾ نہ رڳو فني پختگي موجود آهي پر ٿورو فڪري لحاظ ڪان ويچاريو تہ منجهس ڪيڏي نہ شاعراڻي سونهن ۽ ڪشش موجود آهي.

ڪجھ گھڙيُن جي لاءِ ڇا آيس هتي مان
خوب رڃ آهي ٻڪايو تشنگيءَ ۾.

هر حساس من رکندڙ شخص ان شعر / بند کي پڙهي اوس پنهنجي چئن ڏينهن جي حياتيءَ اندر موجود رڃ ۾ گڏوگڏ اُڃ کي ياد ڪندو ۽ اهائي شاعراڻي خوبي آهي. جو هڪ شاعر جي اهڙي خيال کي هر هڪ حساس ماڻهو پنهنجو خيال ۽ احساس ڄاڻي ٿو. ان حوالي سان هتي مان پنهنجا ڪجھ احساس ونڊڻ چاهيندس. جيڪي يقينن هر حساس شخص جي زندگيءَ بابت سوچيندي، پنهنجي وجود کي جهنجهوڙيندو:

”ڇو ۽ ڇاجي لاءِ، آيس آءٌ ڪٿان؟
ڪنهن ڪان هاڻ! پڇان؟ ڪير ڏسيندو؟ ڪو بہ نہ!

سوال جنهن جو جواب ناهي
جواب ناهي، عذاب آهي“

۽ اهو عذاب هر حساس من رکندڙ ماڻهو پنهنجي هن حياتيءَ ۾ اوس ڀوڳي ٿو. پياري امداد سهتي جي شاعراڻي تخيل ۾ پڻ اهڙا جيءَ کي جهنجهوڙيندڙ احساس نظر اچن ٿا.

پياري امداد سهتي جي سندر تخليقن مان هيٺ هڪ مثال طور ڏيڻ چاهيان ٿو. ان کي پڙهي ويچاريو ۽ سندن فني توڙي فڪري اڏام کي ڏسو:

آرسيءَ جي اڳيان خود لِکي ڪير پيوا؟
پاڻ پنهنجي علاوه ڏِسي ڪير پيوا؟

تون جو وڇڙي وئين مُدّتون ٿي ويون،

روز مون سان هتي پوءِ مِلي ڪير پيو!؟

شعري صنف غزل لفظ غزالہ يعني هرڻيءَ مان ورتل آهي. جيئن تہ هرڻي هر وک سان ڇالون هڻندي آهي، تيئن غزل جي بہ هر وک / مصرع بہ هر الڳ ڇال وانگر خيال تي مشتمل رهندي آهي، ۽ پياري ”امداد“ جي غزلن ۾ پڻ غزالہ / هرڻيءَ واريون ڇالون نظر اچن ٿيون. جيڪي ئي سندس هر غزل کي جدا ئي حُسن بخشين ٿيون. مٿيون غزل پڻ ان جو مثال پيش ڪري ٿو.

سندس هيٺ ڄاڻايل غزل جي مطلع تي نظر ڦيرايو:

آرسيءَ جي اڳيان خود لِکي ڪير پيو!؟
پاڻ پنهنجي علاوه ڏِسي ڪير پيو!؟
يا
تون جو وڇڙي وئين مُدّتون ٿي ويون،
روز مون سان هتي پوءِ مِلي ڪير پيو!؟

حضرت ”عشق“ جي رمزن کي ڪيڏي نہ تند ۽ تيز خيالن ۽ احساسن ذريعي ٻن سٽن اندر اظهاريو ويو آهي، اهوئي هڪ شاعر جي الڳ سڃاڻپ ٻڌجي ڪيس الڳ مرتبو ۽ مان عطا ڪري ٿو. شاعري جيتوڻيڪ شعور جي بخشش هجي ٿي، پر گڏوگڏ ڏاتار جي ڏنل ڏات وسيلي مشاهدي جو بہ ان ۾ وڏو حصو آهي. ڏات کانپوءِ ڏانوُ جيڪو ماحول عطا ڪري ٿو. اهڙو ماحول اسان وٽ مختلف صورتن ۾ موجود هوندو آهي. جنهن ۾ شاعرن جي صحبت، ڄا امڙ س ا س (سنڌي ادبي سنگت) ذريعي حاصل ڪريون ٿا. ان کان علاوه ڪتابي ڄاڻ جو بہ ان ۾ وڏو حصو شامل رهيو آهي. عروضي ڄاڻ ڏيندڙ مختلف ڪتاب پڙهڻ سان پڻ ڏات کي ڏانوُ ملي ويندو آهي. مون کي اهو معلوم ناهي تہ پياري امداد سهتي کي ڏانوَ جو ڏيئو ٻارڻ جو ذريعو ڪهڙي ريت مليو؟ پر جنهن بہ صورت ۾ مليو بنا ڪنهن وڏاءَ جي سندس شاعري پڙهڻ

سان اها ڏانوَ جي ڏِياتي سندس هر شعر اندر ٻرندي محسوس ٿئي ٿي. پر امڙ سنڌي ادبي سنگت يا ڪتابي دنيا مان ڪنهن علمي ذريعي جي پروڙ سندس هينئين شعر مان اوس ظاهر ٿئي ٿي:

سوڪڙي ۾ دلاريءَ ڪي مون ڪاڄ ۾،
شاهه جو هو هٿن سان رسالو ڏنو

مٿي ڏنل پياري امداد سهتي جو شعر، جنهن ۾ پنهنجي پياريءَ کي تحفي ۾ شاهه سائينءَ جو رسالو ڏيڻ، ان ڳالهه جو چٽو ۽ واضح ثبوت آهي ته پاڻ پيشي جي لحاظ کان مصروف زندگي گذارڻ جي باوجود پڙهڻ کي ترجيح ڏين ٿا، جا ڳالهه هڪ شاعر کي قوت بخشي ٿي ۽ اڳتي وڌڻ ۾ اتساهه ڏئي ٿي ان لاءِ مثال طور سندن هينيون شعر پڙهندڙن اڳيان پيش ڪرڻ ڪافي ٿو ڀانئيان. جيڪو پڻ مٿي ڄاڻايو اٿم:

تون جو وڇڙي وئين مُدّتون ٿي ويون،
روز مون سان هتي پوءِ مِلي ڪير پيو!؟

مٿيون شعر هڪ حساس دل رکندڙ شاعر جي سندر ساڃاهه جو سهڻو مثال آهي. هن جي اپٽار مان مٿي پڻ ڪري چڪو آهيان پر هتي ان جي ورجاءَ جو مطلب هڪ شاعر جي من جي مام ڄاڻڻي آهي، اها هيءَ ته هڪ شاعر اڻو من پنهنجي خيالي اڏام، حضرت "عشق" ذريعي ئي حاصل ڪري ٿو سگهي، ۽ بيشڪ اهو عشق ئي آهي جيڪو شاعريءَ کي بنياد بخشي اتم پد تي پهچائي ٿو. ڀل ڪيترو ئي وڏو عرصو وڇوڙي ۾ گذري وڃي، پر پوءِ به محبوب / معشوق هر ويل عاشق جي اندر موجود رهي ڪيس درشن ڪرائيندو رهي ٿو، پوءِ اهو عشق مجازي طور ڪنهن ڌرتي واسيءَ، ڪنهن معشوق سان هجي يا پنهنجي ڌرتي يا قوم سان هجي. يا اڳتي هلي انهيءَ "عشق حقيقيءَ" جي منزل

ماٺي هجي ۽ پنهنجي ان "نامعلوم"/ "الک" سان ڳنڍيل رهي، پر ان عشق جي اپٽار شاعريءَ وسيلي ئي ممڪن ۽ سونهيندڙ ٿي سگهي ٿي. ان جو مثال سمورا ڏرمي ڪتاب آهن. جيڪي شاعريءَ جي صورت ۾ هئڻ سبب صديون گذرڻ بعد به انساني ذهن ۾ حفظ هجن ٿا. شاعريءَ جي اها نهايت ئي اتم ۽ اعليٰ خوبي آهي، جو اها هر وقت، هر ڪنهن کي ياد رهڻ جي قابل هوندي آهي. مثال طور نثر ۾ لکيل ڪنهن هڪ پيرا کي به سدا لئي ياد رکڻ اوکو هجي ٿو پر نظميه انداز ۾ لکيل / اپٽاريل سوين صفحا به سوکا لڳڻ ڪري، اسان حفظ ڪري سگهون ٿا .

اهڙي طرح زيرِ نظر مجموعي اندر موجود ڪافي اهڙا شعر ملن ٿا، جن کي حوالي طور ڄاڻائي، پڙهندڙن جو ڌيان ڇڪي سگهجي ٿو پر ڊيگهه کان بچندي هيٺ هڪ اڌ شعر ڄاڻائڻ ضروري ٿو ڄاڻان:

درد دل ۾ ڏکن هزارين پيا
تير سڪ جا چُڀن هزارين پيا
***
عشق واري نماز کي پڙهندي
نرڙ "هُو" سان جُهڪن هزارين پيا

بحر سان خوبصورت نياءَ سان گڏ سندن فڪري اڏام پڻ مثالي آهي، جيڪا پڙهندڙن لاءِ يقينن پُرڪشش هوندي، پر ان مان اهو اندازو لڳائي ڏسجي ته لکڻ مهل تخليقڪار مٿان ڇا گذريو هوندو!؟

"عشق واري نماز" جو اصطلاح پڻ هڪ منفرد درجو رکي ٿو جيڪو هن کان اڳ ڪنهن به شاعر استعمال نه ڪيو هوندو ۽ ان سان سندن تخليقاتي ماڻ ماپي جو اندازو ڪريو ۽ ڏسو ته ڪيڏو نه اُتم پد تي بيٺل ٿو لڳي!

پياري امداد سهتو جي زير نظر شعري مجموعي ”وڇايا ريت ۾ پيرا“ بنا ڪنهن وڏاءَ جي سموري جو سمورو شاندار آهي. ۽ يقينن پڙهندڙن وٽان پڻ ڪيس سني موٽ ملندي، مان اها پنهنجي خوش بختي ٿو ڄاڻان جو اهڙي قربائتي شخص جي تخليقي پورهيي تي ڪجهه لکڻ لاءِ پاڻ مون فقير منش کي ان لائق ڄاتائون. ان حوالي سان کين پيٽا طور چند سٽون پيش ڪندي خوشي ٿو پائئيان. اميد تہ سندن تخليقي سفر سدا لاءِ جاري رهندو. سنڌي شعر و ادب جي دنيا کي وڏيڪ سندرتا بخشيندو رهندو:

وڇايا ريت ۾ پيرا،
مگر سي ڪين ٿيا ميرا.

سندر تخليق سهتي جي،
ڄمايا دل اندر ديرا
***
ڪلڙو ملڙو سندر سهتو
ڄاڻي من جي هُر ڪُر سهتو

ڪاٿي اهڙو ملندو “آسي”
جهڙو ڄاڻي هنر سهتو

آسي زميني

دانش گاهہ منصوريہ، ٽنڊو قيصر

18ڊسمبر 2021ع

غزلَ

خوشيءَ جا تہ پوپٽ اُڏائي ڇڏيا هن!
قصا پيار وارا ڀُلائي ڇڏيا هن!

ملياسين جڏهن چانڊني رات توسان،
سيئي پنهنجا دشمن ڏُکائي ڇڏيا هن!

ڪيو روشنيءَ جيئن پاڳل پئي مَنُ،
اسان ديپ ٻاري اُجهائي ڇڏيا هن!

اجا ماڪ صحرا ۾ بيٺي رُلي ٿي
ڪڪر ڪي پياسا رُلائي ڇڏيا هن!

ڪئي جو بغاوت وڇوڙن سان آهي،
تڏهن وصل جا سڏ ٻُڏائي ڇڏيا هن!

بلند حوصلا هي وڏا ڏونگرن ڪان،
اڳيان ڏاڍ سارا جُهڪائي ڇڏيا هن!

مڃي هار تنهنجي اڳيان اوٿرن هئي،
تڏهن پي تو آنچل اُڏائي ڇڏيا هن؟

بلاول* جيان پاڻ امداد! پيڙهي،
سيئي ڏُک اندر جا ڳُهائي ڇڏيا هن!

* مخدوم بلاول

دوست جي ديدار تي آ پروسو!
هِن گُلابي پيار تي آ پروسو!

جو اکين مان ٿو پيو جهلڪي، انهيءَ،
ظاهري اظهار تي آ پروسو!

بادشاهت جنهن دلين تي آ ڪئي،
تنهن عجب اسرار تي آ پروسو!

عشق وارا ڇو صليبن ڪان ڊڄن؟
موت جي گفتار تي آ پروسو!

نيٺ ٿيندو تابُ سورج جو جَهڪو
وقت جي رفتار تي آ پروسو!

تو لڪائي ڳالهہ پنهنجي ناهہ ڪا!
نينهن هن نروار تي آ پروسو!

منهنجا هي امداد! مشعل ٿيا غزل،
هر لکيل اشعار تي آ پروسو!

آرسيءَ جي اڳيان خود لِڪي ڪير پيو!؟
پاڻ پنهنجي علاوه ڏِسي ڪير پيو!؟

تون جو وڇڙي وئين مُدّتون ٿي ويون،
روز مون سان هتي پوءِ مِلي ڪير پيو!؟

سور سڏ ۾ سمايل هئا ڪوڙ پر،
ڪنهن جي آواز سان بيو مِلي ڪير پيو!؟

ريت تي رقص پاڇي ڪيو منهنجي هو،
مور جئن من ۾ ويهي ٿِلي ڪير پيو!؟

دردَ دل ۾ رکي مرڪ ڇهري مٿان،
تو نہ محسوس ڪيو هِت کِلي ڪير پيو!؟

منڊليءَ ۾ مچايم غزل، هائيڪا،
ايئن اُتي ماترائون هُجي ڪير پيو!؟

هنر امداد! روئڻ جو ڄاڻان نہ ٿو،
پر پِلا هنر اهڙو سِکي ڪير پيو!؟

ازل کان پنهنجي ئي دل ۾ اسان فرياد ٿا پاليون!
لُيائي پاڻ کي جيڪا اها ئي ياد ٿا پاليون!

لڳي زندان پيارو ٿو غلاميءَ جي حياتيءَ کان،
گناهن جي اسيريءَ ۾ سوين صَيّاد ٿا پاليون!

محبت کي نيائڻ لئہ انائون لحد ۾ لاهي،
ملائي نيڻ پيارا! پيار جو بنياد ٿا پاليون!

ڏيون ڇو ڏوهہ ساوڻ کي، ڏئي نيڻن منجهان پاڻي،
ڪئي جا تو اسان جي دل، اها برباد ٿا پاليون!

اوهان جي آسري گذري پيو پل پل قيامت جان،
ڏٺا ڏيئي پنهنجيءَ دل کي اسان امداد! ٿا پاليون!

ڪير ڪنهن لاءِ مئو حياتيءَ ۾؟
شخص هڪڙو هئو حياتيءَ ۾!

زندگيءَ جو پتو نہ هو ڪوئي
آ جِيئڻ جو رئو* حياتي ۾!

ڪو ڪندو آ مزار مان ڳالهيون!؟
جو ٿئي چوڻو چئو حياتي ۾!

دل دعاڳو رهي سدا تنهنجي،
سک ملن ڪي سئو حياتي ۾!

موت امداد! تہ فاصلا ڏيندو،
آ اهوئي پئو حياتي ۾!

* مڪر فريب

وري اڄ رڻُ تتو آهي!
وري مقتل مَتو آهي!

ننڍي گوليءَ وڏي گهاءَ سان،
پساهن کي رَتو آهي!

روئيندي ٿو پڇي سُرندو،
ڪو سورٺ کي پَتو آهي؟

بهارون ڪنهن نہ ڪم جون هِن،
ڇٽيو جن ۾ پَتو آهي!

نامڪمل گرپ هارايو،
ويو تہ ڪَتي گُتو آهي!

رڳو امداد! ڏوهي تون،
هتي قاتل سَتو آهي!

عشق وارو اسان کي ٿو ڳارو سڏي!
مان ڏمالون ھٽان جي نغارو سڏي!

تنِ گيڙو لٽا، من صوفي بڻيو
مونکي سامي زمانو ٿو يارو سڏي!

ڇو رڻو آ، ڏني ڪونہ سُڌِ آ انھي؟
پيار مان ڇو نڻو مون کي پيارو سڏي؟

ٽا اکين ۾ لھن رنگ ھي سرمئي،
چنڊ کي ڏنڊ تان ٿو امارو سڏي!

درد پل کن وساري اڇو ھا ھتي،
دل وڏي ھو ڪري جيءَ جيارو سڏي!

پيٽ پاپي لڪائي ڪٿي گرگلي؟
بک بکيءَ جي ڏسي ٿو بکارو سڏي!

يار امداد! آھن جھُڪايون اکيون،
مرڪ ئي مرڪ ۾ ٿو اشارو سڏي!

ڪيڏي نہ اچي پيئي ڪويل جي مٺي ٻولي،
اٿلي آ سمندر جي ڇڙ مون ۾ وري ڇولي.

ٿي شام لهي مون ۾ هي رنگ ڪٽي ڳاڙها،
ڪيڏي ٿي رڱي پاڇا مون ساڻ اها هولي.

خوابن ۾ ملاقاتيون هر رات ڪرين مون سان،
منهنجي آن اڙي جانم! ڪيڏي پالي پولي.

ڪنهن ڪُونج جي ڪُسجڻ سان، اپ سرخ ٿيو سارو،
ڦاٽي ٿو هيانءُ ڏر جو، ڪا لال ڏِسي ڇولي.

ڍولڪ مان اچن پيارا آلاپ اوهان جا ئي،
تڪ ڌنڪ ڌنا ڌن ڌن جي جوڙي تہ مٺي لولي.

مايوس بهارن ڪي ڪيڏو تہ خزائون ڪن،
چٽيل پيي پٽن ڪارڻ ڌرتي ئي ٻٽي جهولي.

ڊيڄار نہ تون هاڻي دردن جو وڌائي قد،
اڳ آهہ ڌتل پنهنجي دردن جي سڄي ٽولي.

مون دفن انا ڪي ڪيو هر قتل ڪري هستي،
امداد! حياتيءَ پر تنهنجي ئي ٽيان گولي.

تو ڏِٺو آ بهار نيڻن ۾،
تنهنجو آ انتظار نيڻن ۾.

درد منهنجا تہ ٻَالِجت آهن،
جن ڏنا هن غبار نيڻن ۾.

تازو پيرو چڏي ويو جيڪو
سوئي صحرا سوار نيڻن ۾.

ڪو گهروندو نہ ناهہ ساحل تي،
ساڳي چولين قطار نيڻن ۾.

خواب ڪچڙا ڏسي پروڪا ڪي،
ننڊ آندا خمار نيڻن ۾.

يار امداد! تو ڏِٺَي آ،
بخت جي جڙ نهار نيڻن ۾.

رات جي سانت ۾ پُور جاڳي پيو،
مئڪدي ۾ ڪو مخمور جاڳي پيو

تنهنجي اقرار جو آ وهائو پري،
آس جو ئي ڪٿي نور جاڳي پيو.

ٻوٽِيا مون ٻيئي ننڊ لئہ گڏ هُيا،
نيڻ ڪو ننڊ کان دور جاڳي پيو.

عشق جا وار گَهِرا لڳا من مٿان،
هر زخم منهنجو مسرور جاڳي پيو.

واجهہ امداد! تو لئہ وڏي جيئن مون،
نرڙ گهنجن ۾ جڻ جهور جاڳي پيو.

ڪا دعا ۽ سلام پڻ ناهي!
عيد جو ڏينهن عام پڻ ناهي!

دوستن سان ملڻ ته تون ايندين،
منهنجو ڪنهن جاءِ نام پڻ ناهي!

هيڪلائين ڪان جا ٻچندي هئي،
سا ته نيڻن ۾ شام پڻ ناهي!

ڪوڪ آئي ڪٿان نه ڪوئل جي،
فون تي ڪو ڪلام پڻ ناهي!

ميل ڪيئي سفر ڪيان هان پر،
دل ۾ ساڳيو مقام پڻ ناهي!

عشق ۾ خاص ٿي ويو آهي،
يار! "امداد" عام پڻ ناهي!

وڇوڙي جا ڏکھا رستا عمر آ پيرسنيءَ جھڙيا
ڪٿي منزل ٻُڌا رستا عمر آ پيرسنيءَ جھڙيا

اسان جي ڀاڳ جي منزل نصيبن ۾ ڪٿي آهي؟
اڃان ناهن ڪٿا رستا عمر آ پيرسنيءَ جھڙيا

زماني پيار ۾ منزل تي منزل آ ڪئي حاصل،
اسان لئہ بس ڦٽا رستا عمر آ پيرسنيءَ جھڙيا

پڇاڻا تو تہ رولاڪي اسان جو بس جياپو آ،
اسان سان ئي ٽٽا رستا عمر آ پيرسنيءَ جھڙيا

جھلي هو آڱريون جن جون اسان ئي هلڻ سيکاريو،
انهن مون لئہ مٽيا رستا عمر آ پيرسنيءَ جھڙيا

ڪا نشاني ڏني ڪو حوالو ڏنو،
روح تسڪين لئہ ڪو تہ نالو ڏنو.

شوق تنها رهڻ جو اسان کي نہ هو،
هي هيو هيڪلائيءَ ازالو ڏنو.

ظاهري مات منهنجي ندي جيئن، پر،
پاڻ کي پاڻ آهي جوالو ڏنو.

مئڪدي جي تہ مهندار آتش ڏسي،
جام جو جام مون کي پيالو ڏنو.

چنڊ، آهي ڪڏهن ڪونيو موتيو،
رنگ چونڊي مون توکي نرالو ڏنو.

سوکڙي ۾ دلاريءَ کي مون ڪاڄ ۾،
شاهہ جو هو هٿن سان رسالو ڏنو.

عشق جا ڦُول امداد! ٽڙندي ڏسي،
پوپٽن پر ملائي تہ هالو ڏنو.

يار سان رابطو ويو ڪٽجي.
پاڻ سان واسطو ويو ڪٽجي!

زندگيءَ جو ڪٿي پتو ناهي،
روز هڪ حادثو ويو ڪٽجي!

پوپرين جي قطار گذري پئي،
پيٽ جو مسئلو ويو ڪٽجي!

زندگي چو دڳيءَ تي بيٺل آ،
قرب جو قافلو ويو ڪٽجي!

پاڻ امداد! ڪئي اٿم پنهنجي،
يار جو حوصلو ويو ڪٽجي!

اسان تي ڪيو ڪي ڪرم قرب وارا.
اوهان تان فدا دل صنم! قرب وارا.

اچو يار پاڙيون اهي عهد سارا،
ڪٽي جي ڪياسين قسم قرب وارا.

وڇايون اکيون، آجيان آهي تنهنجي
سڄڻ تون ڪٽي اچ، قدم قرب وارا.

اڳوڻا قصا ياد ماضي ڇڏي ڏيو،
وڃو هي نہ ڏيئي الم قرب وارا.

لڙي رات طوفان سان لاٽ پيئي،
ٻرن ديپ جئن ٿا عزم قرب وارا.

نہ بهشتي، نہ ئي دوزخي ذات جنهن جي،
انهي عشق جا ٿيا ڌرم قرب وارا.

جلون ٿا جسم ۾ محبت جي جانم!
ٿيا ساهہ آهن گرم قرب وارا.

مري پاڻ امداد! ڪڏهن مرون پيا.
وٺون ٿا دلين ۾ جنم قرب وارا

ڳالھ ھن جي مَجي ڇڏيم آخر،
دل چريءَ کي پَچي ڇڏيم آخر!

حال بي حال ھو سوا تنھنجي،
زندگي ڪٽ وَڃي ڇڏيم آخر!

سمنڊ صحرا طرف نہ اچڻو ھو
پنھنجو سينو سَڃي1 ڇڏيم آخر!

ناھ ھن جي خيال کان ڪو فرار،
پاڻ کي ئي نَڃي2 ڇڏيم آخر!

تانگھ ديدار لئہ ھئي امداد!
اُن گليءَ ۾ گَڃي3 ڇڏيم آخر!

1. بخشڻ، نذرانو ڏيڻ، سامھون ڪرڻ
2. ..رسيءَ ۾ ٻڌڻ
3. ھلڻ، چرڻ

مِلي وچو حياتِ ۾، وَرِي مِلون نہ يا مِلون!
رهون جُڙي ثباتِ ۾، وَرِي مِلون نہ يا مِلون!

گهڙيءَ لئہ اکيون ٻئي ڪري هي چارَ تارجن،
رکون ڇو هي فراتِ ۾، وَرِي مِلون نہ يا مِلون!

فلڪ جي هيٺ وقت کو گذاريون اسان ٻَئِي،
هھڙي تہ چنڊ راتِ ۾ وَرِي ملون نہ يا مِلون!

نِڪَتَ ڪتيون، لذا، وِڇون، ٿو آسمان سڄو سڏي،
اچو اچو پراتِ* ۾، وري مِلون نہ يا مِلون!

پُڪار منهنجي ٿئہ اها، اچي پَرَي کان جا پئي،
پکين سنديءَ لاتِ ۾، وري مِلون نہ يا مِلون!

نہ زندگي آ يار! پنهنجي ڪم جي پيي هِتي ڪِٿي؟
وياسين جي مماتِ ۾، وري مِلون نہ يا مِلون!.

* پرھ جو وقت

ڇو پلا ايترا يار ٿيا فاصلا؟
تنهنجا ساڳيا الڳ ٿي اچا مشغلا!

سوچ منصف ٿي هاٺي گهڙي ڪن لاءِ،
ڪٿن ائين ٿو ڪرين پنهنجا تون فيصلا!؟

بردباري رکي ڌڙڪنن ۾ اسان،
دل جا تون آزمائين پيو حوصلا!

موج آهي نديءَ جي تہ هن عشق ۾،
ڪين گهٽجن ڪڏهن پيار جا سلسلا!

ترشنا ڪا ڪٽي ٿو رُلان ريگ ۾،
ڳولهيم هن سڄي رُڄّ اندر پرجهلا!

پنڌ نڪري پهاڙن ڪي مون سر ڪيو،
پر ڪڏهن پيي ڪتا ڪين هي مرحلا!

آهي تنهنجي نظر تيز تلوار ڪان،
ڏس تہ امداد! ٿي ڪنڌ ڪوري ڪلا!

ٿو رلين امداد! تون!
ڪا ڪٽي فرياد تون!

چاندني وئي رات ٿِي،
چنڊ ڏس برباد تون.!

جو ويو موتيو ڪڏهن!!
پل وڃاءِ سؤ ناد تون!

سچ اڏاٽي ريگ ۾،
آڻ پنهنجو زاد تون!

مان جڏهن پرتي وڃان،
ڳولجانءِ متضاد تون!

عشق هارائي ويو،
اڄ عقل استاد تون!

پيچ صليبون چونڪ تي،
مار هي جلاّد تون!

نيڻ نم دل جا ڪيئي،
ناهين گهٽِ فرهاد تون!

مون دعا توکي ڪئي،
رهه هميشه شاد تون!

اسان جي لڳو دل تي دلدار! ڏاڙو!
لڪي ٿو پلا هي ڪٿي يار! ڏاڙو!

چوين بيوفا ڇو پيو جسم هن ڪي؟
سدا ساھ تي آ هنيو دار ڏاڙو!

محبت ئي آهي تہ ڪل منهنجي مايا،
هٽي پوءِ بہ چاهت تي سنسار ڏاڙو!

اکين ۾ بچائي رکيا ها مون ڳوڙها،
جنين تي لڳايو آ رخسار ڏاڙو!

اٿي آس جو خيال ۾ ٿو سمندر،
لهر جو لڳو آهي چمڪار ڏاڙو!

شهر ۾ وکر ڪوڙ جو ٿو کپائي،
هٽي ٿو نسورو هي پنسار ڏاڙو!

ڇو مونکي تو امداد! سمجهيو ئي ناهي؟
لڳي مونکي تنهنجو ٿو انڪار ڏاڙو!

اداسي ڏئي مونکي ويو همسفر آ،
رنو شخص جنهن لئہ سڄوئي شهر آ.

وڃايو هان خود، سمنڊ ۾ جيئن درياءَ!
انهيءَ ڪان پيي هو ڪيترو بي خبر آ.؟

تمنا گهٽي ڪين آهي ڪا منهنجي،
ٽيو جُهڙَ جيان منهنجو من دربدر آ.

انگهي جو ويا پل وڇوڙي جا هي، پر!
حياتي سڄي ڪا گهڙي مختصر آ.

نڀائي وفا آهي هر موڙ تائين،
انهيءَ پنڌ ۾ هر جفا در گذر آ.

ائين ياد ايندي تہ ڪنهن جي بہ ناهي،
يقينن هو ماڪي جهڙو مڏر آ.

ٽيو رقص ۾ يار! بسمل مان آهيان،
ڪيو عشق امداد! مون معتبر آ.

ڪجهه اکين ۾ اجا روشني ٿي رهي!
ڇو دلين ۾ وري بيوسي ٿي رهي!

ٿي ملين ساھ سان ساھ ٿي، جيئن ڪا،
زندگيءَ سان اچي زندگي ٿي ملي!

هيڪلي رات آهي گذاري جڏهن،
پاڻ کان پاڻ ۾ بي رخي ٿي رهي!

آرسيءَ ۾ ڏٺم عڪس تنهنجو هئو،
منهنجي اک ئي ڪٽي ڏنڊلي ٿي رهي!

واٽ ڀُولي، ڪٿي واٽ ناهي اها،
خيال ۾ پنهنجي ڪا ڇوڏڳي ٿي رهي!

جيت ئي جيت ۾ عمر گذري وئي،
هار امداد! هاڻي ملي ٿي رهي.

لڳي تصوير آئينو پيو خاموش ڪمري ۾!
رکي ٿو راز تن جا هو، ٿيا جي دوش ڪمري ۾!

ڪري ڪهڙو ڇڏي ڪهڙو، ڪندي هو ڪم صفائيءَ جو،
پئي نوڪر اهو سوچيو دنيا ـ آغوش ڪمري ۾!

وڪوڙيو ياد تنهنجي آ، ڪلي وئي تہ ٿان جيئن دلڙي،
پيو ممتاز1 ٿو ڳائي ڪٿان مدهوش2 ڪمري ۾!

لڳس، ڄڻ سرڳ وانگي هئي رهائش مالڪياڻي جي،
ٿريءَ جا پوءِ ويا اڏري، سمورا هوش ڪمري ۾!

اوهان ڪان جو ويو وسري، سمورو هو ويو وڪري،
اهو امداد! هاڻي پيو ڪري سنتوش3 ڪمري ۾!

1. ممتاز لاشاري، فنڪار
2. احمد خان مدهوش، شاعر
3.صبر

دم گھٽي ماريون حسرتون ڪيتريون!
ڇڻ ھيون ڪاريون حسرتون ڪيتريون!

رونقون شھر جون سڀ گڏي ٿي اسان،
جھنگ جھر چاريون حسرتون ڪيتريون!

جام مينا ڏڪن جي اياغن مان پي،
ايئن پيا ٽاريون حسرتون ڪيتريون!

سيما ڪا اوچتي ٿاھ ٿِي دل! نہ تون،
واعِدا پاريون! حسرتون ڪيتريون!

تو رھي ھاڻ پھلوءَ ۾ پڻ ڪين ڪو،
ٿيون چنن ياريون حسرتون ڪيتريون!

رات پوئين پھر ناڪئي من لھي،
ڊِنڊِ مان تاريون حسرتون ڪيتريون!

ساٿ "امداد" جو ڪو نہ پنھنجن ڏنو،
ٿي ويون ڌاريون حسرتون ڪيتريون!

مليو تحفو هٿن جو ريشمي رومال ساڳيو آ،
اسانجي جاڳيو دل ۾ وري پيي خيال ساڳيو آ.

ڪٿي آ ڪنڌ سوريءَ تي، ڪٿي ڀيجل اهوئي آ،
ربابن جو هوائن ۾ اچا سرتال ساڳيو آ.

محبت جي خدائي ۾ مگن ٿي رقص ۾ پيا هون،
وڃي پاتال پيا آهيون اجان پيي حال ساڳيو آ.

ڪلي ڪيڪار دلڙي سان ڪيون جيڪر اچو هاڻي،
سجايو جو اسان تولاءِ، اهو پنڊال ساڳيو آ.

پراڻو خط ڏنم کولي، لڪائي جو رکيو مون هو،
لکيو جو تو انهيءَ ۾ تنهنجو سو احوال ساڳيو آ.

ڇڏي امداد! آهين ويو جڏهن ڪان دوستي پنهنجي،
لڳو ڌرتيءَ تي آيو يار هي ڀونچال ساڳيو آ.

خود تان ڏيانُ آهي وڃائجي ويو!
دل جو امانُ آهي وڃائجي ويو!

بادل ۾ چنڊ هي رات جو لڪو آ،
چڻ ڪو جهانُ آهي وڃائجي ويو!

اڇڙي وري ڪٿي آن هتي پلا تون،
پيهر گمانُ آهي وڃائجي ويو!

رڙڪي جڌهن نظر ۽ بد بکيءَ کي ويئي،
بک کان نانُ آهي وڃائجي ويو!

ملندو وکر جتان هو حسين هٿ سان،
جوڀن ۽ دڪانُ آهي وڃائجي ويو!

امداد! ايئن الجهيو سوال ۾ هان،
جو امتحانُ آهي وڃائجي ويو!

اڄ تہ صحرا ۾ هوا جو ٿيو تماشو خوب هو
هن رُئڻ سان پيِ گهٽا جو ٿيو تماشو خوب هو

ڇو اچا سڏڙا نہ تو تائين پڳا منهنجا هئا؟
واٽ تي ئي هن صدا جو ٿيو تماشو خوب هو

تتر ٻولي ڪونہ ٻاڙي ٿو ڪڏهن ڀولي اٿم
پر پهاڙن ۾ ندا جو ٿيو تماشو خوب هو

چنڊ زخمي آ پيو ڪڪرن سان ٽڪرائي مٿي
رات ۾ ڪيڏو ضيا جو ٿيو تماشو خوب هو

مون وڏي گلڙن جيان پنهنجي وفا آ جهول ۾
تو هٿان جانم! وفا جو ٿيو تماشو خوب هو

تون سخي ڪيڏو سخاوت ۾ هئين مشهور ٿيو
پوءِ ڇو تو در گدا جو ٿيو تماشو خوب هو

پاڻ کي امداد! آهي قيد تنهائي ڏنو
قيد خاني ۾ سزا جو ٿيو تماشو خوب هو.

مون ۾ صوفين جيئن رهين ٿو،
عشق! سڄوئي سونُ لڳين ٿو.

جي ڪوري ڪاغذ جهڙا هئا،
سپنا سيئي يار رنڱين ٿو.

جو نہ ڇئي سگهيا هُو لبڙا،
پنهنجي اکڙين ساڻ ڇوين ٿو.

اي دريا! ڏي ائين نہ دڙڪا،
ڇا سهٽي جهيٽي سمجهين ٿو؟

پل پل مون کان تون راحت جو،
ڪيئن لحظي ۾ موت! کسين ٿو؟

ميڙ متل ۾ ايندي امداد!
ڇالاءِ جيءَ منهنجو جهٽڪين ٿو؟

دل جي اڄ بات ٿري آ،
توسان گڏ رات ٿري آ.

ڳالهين ۾ ٻم ۽ گولا،
ڪا هنڙي ذات ٿري آ؟

جهوپو پيار سندو ڏاهي،
اڪ ۾ برسات ٿري آ.

سردي چيري آئي جا،
سا ڪوبل لات ٿري آ.

ساروڻيءَ ۾ آئينءَ جئن،
منهنجي تئن تات ٿري آ

تون امداد! ملي پئين ڇا!
يار! ملاقات ٿري آ

نيڻ وڇاڻا منظر ۾
تنهنجا ماڻا منظر ۾

ياقوتي شامون هيءَ جڳ
موتيءَ داڻا منظر ۾

تنهنجي مرڪ ڏسي ڪيئي
بيٺا ٽاڻا منظر ۾

ڪاڪ محل تي چنڊ ڏسي
جرڪيا پاڻا منظر ۾

راهه ٽڪي آ واجهه وجهي
تارا ساڻا منظر ۾

مومل هڪڙي لئه امداد!
گڏ ٿيا راڻا منظر ۾

پيار جو پيچ پاتو اٿم
ماءُ مٽي کي سڄاتو اٿم

سون سنڌو نديءَ جا ڌئي
نينهن تنهن ساڻ لاتو اٿم

مان نياپان صدين کان پيو
عشق وارو جو ناتو اٿم

هيء قلندر، ڀٽائي، سچل
سنڌ جو گيت ڳاتو اٿم

پينگهي ۾ جو امڙ ڏنو هو
ٻول سو جڙ تہ ٻاتو اٿم

يار امداد! پرديس ۾
پوڻ لئي روح آتو اٿم

ڏرتي هي منصور گهري ٿي!
ڳاڙهو ڪو سندور گهري ٿي!

چنڊ! هي اڪڙيون ماڪ ڀنل هن,
چانڊوڪي ڇو پور گهري ٿي؟

آس پٿر ٿي برسي مونتي,
دلڙي شيشو چور گهري ٿي!

وارن مان چاندي چونڊيندي,
مُنڌَ* سَما سي جهور گهري ٿي!

تند ڇڪي ٿم تنبوري جي
ڪيڏاري ۾ سور گهري ٿي

خاڪ ڪيا آتش پروانا,
رغبَتَ تن تندور گهري ٿي!

ڪريان ڪيئن امداد نمائش؟
غم دل سي محصور گهري ٿي!

* خوبصورت عورت

جڳ جي هُٻڪارَ ڇڏي يارا ويون.
ڳُونجون ڳُونجار ڇڏي يارا ويون.

ٽڪ ٽڪ گهڙيال ڪري ٽڪجي پيو،
گهڙيون جهنڪار ڇڏي يارا ويون.

جَي پوپٽ موهي آٽيندين هيون،
سُرهاٽيون ڏار ڇڏي يارا ويون.

مَن جي جهوليءَ ۾ ڪيئي سهٽيون،
هي پيار اَپارَ ڇڏي يارا ويون.

جن جو ٽيندو هئو ڇوڙ اکين مان،
نديون رُخسار ڇڏي يارا ويون.

جيئن ويا لفظ رُسي ميران ڪان؟
تارون سُرتار ڇڏي يارا ويون.

امدادا گلابي آسون منهنجيون،
دل ۾ انگار ڇڏي يار ويون!

درد دل ۾ ڏُکن هزارين پيا!
تِير سِڪ جا چُڀن هزارين پيا!

عشق واري نماز کي پڙهندي,
نِرڙ "هُو" سان جهُڪن هزارين پيا!

راز توڙي پيو لڪايان مان؟
تاڪِيَي جيئن کُلن هزارين پيا!

ڪنهن نہ ميرو ڏٺو تہ باطن آ
رُوح ظاهر ڌُئن هزارين پيا

چنڊ تنهنجي ڏٺو ٻِگليءَ جو ڏس,
پيچرو پر ڀُلن هزارين پيا

تنهنجو تہ هتي مِثال ئي ناهي,
ڇو نہ سهڻا هُجن هزارين پيا!

موتَ امدادُ! ماريو نہ رڳو
آدِمي هِت کُٽن هزارين پيا

راتِ رقصان شباب ڪنهن ڪم جا!؟
جِن ڏني ننڊ، خوابَ ڪنهن ڪم جا!؟

ماڻهو ماڻهوءَ جو ٿيو ويري!
هي عبادت ، ثواب ڪنهن ڪم جا!؟

ڪو تہ سمجهي سوال اڪڙين جا!
جي مليا سي جواب ڪنهن ڪم جا!؟

تار آهي ڇڳي حياتي جي!
ياد جا هي رباب ڪنهن ڪم جا!؟

رک پلي تون گلاب سنڀالي!
بن ڪلئي پر ڪتاب ڪنهن ڪم جا!؟

ڪير امداد! ٿو ڪلي روئي؟
هيءُ هاڻي حساب ڪنهن ڪم جا؟

ڏُکَ جو ديپ مان ٿو جلايان ڏسو
روشني سان شهر ٿو مِلايان ڏسو

ڪا گهٽا آهہ ڇانئي اکين ۾ منهنجي،
پنهنجا بارش ۾ ڳل ٿو ڀڄايان ڏسو

ٻار پرچي نہ ٿو منهنجي اندر جو هي،
ڪيس آڳُر وٺي ٿو گهمايان ڏسو

شام سندور لاهي پئي سينڌ ۾،
رنگ جنهن سان اکيون ٿو ملايان ڏسو

تنهنجو پيغام اچڻو آهي فون تي،
ايئن مان پاڻ کي ٿو پلايان ڏسو

تو چيو هو متان تون چئين الوِداع،
تنهنجو امداد! مان ٿو پڇايان ڏسو.

درد تنهنجي گلا زماني ۾
تون بہ ڇڄ ڪا بلا زماني ۾

شوق هو بانس جيئن جڏهن نڪتو
سو زمانو ملا زماني ۾

اجتمائي قبر اٿئي دنيا
پاڻ کي تون ڪلا زماني ۾

سير ۾ تون ڪٿي وڃين رهجي
خيال سان خود هلا زماني ۾

لڙڪ هڪڙو وهي نہ هن جو ڪو
مون کي ڇڏ، هو ڪلا زماني ۾

منهنجو”امداد“ ٿي نہ سگهيو هو
چاهي بچيو ڀلا زماني ۾!؟

حقيقت هئي جي تماشو بڻي ڇو؟
ڳُلهن تي پنهنجي پاڻ لاشو بڻي ڇو؟

نہ سيما قبولي محبت ڪٿي پڻ،
وچان پِٽ ڪٽي هاڻ حاشو بڻي ڇو!؟

رکي ڪل مٽن جو وزن ٿي سڪيءَ جي،
لڪائي پنهنجي مرڪ ماشو بڻي ڇو!؟

ڏنو گهٽ نہ آهي هلاهل1 ڪان ان کي،
قتل منهنجي ۾ڪنڊ ساشو بڻي ڇو!؟

ڪئي سال مونکي لڳا بت ٺاهيندي،
سگهو اينجلو2 جو تراشو بڻي ڇو!؟

1. زهر قاتل
2. مائيڪل اينجلو مشهور بت تراش

مان رُنس پنهنجي نارسائي تي
زندگي پر جِي هِن جدائي تي

مون ۾ طاقت اڃان هئي ڏاڍي
جيت مون پاتي هار آئي تي

ڳالهه تنهنجي پلا ڇو ڪين ڪيان!؟
ڪيئن رهان چپ مان بيوفائي تي

ياد هي يادگار آ منهنجي
فخر آهي انهي ڪمائي تي

بيوفايون ڪري رهي بي ڏوهه
رشڪ آ هن جي پارسائي تي

نيٺ "امداد" ساڻ ملنديئه تون
مان جيان ٿو اميد آئي تي

وڃايا ريت ۾ پيرا پنهنجا آهن مسافر ڪنهن،
اڃا مس مرگهہ جو پهريون ڪو ڪُر هاڻي ڏنو آهي!

رهي ٿي جڙ تہ ڪا مارئي رکي ساڻيهہ سڪ مون ۾،
مون پنهنجي سوچ ۾ ڦٽندي للُر هاڻي ڏنو آهي!

فقط هڪ سُرڪ سڪ پيتم تہ سيني منجهہ سگهہ آئي،
سپي دل جي ائين بنجي ٿي دُر هاڻي ڏنو آهي!

ڪلالن ڪي ڪيم آزي تہ ڪجهہ مهلت ڏيو مونکي،
گلاسن ڪي مون هن پل ۾ ئي پُر هاڻي ڏنو آهي!

چڙهي لشڪر يزيديءَ ڪي حسيني در هلي آيو،
سو غيرن منجهہ غيرتمند حُر هاڻي ڏنو آهي!

هميشہ ڪان ڏٺاسين عشق ۾ امداد! توحيدي،
محبت منجهہ ٿيندي مون ڪفُر هاڻي ڏنو آهي!

نظر جِي يار! تون هاڻي سخاوت ڪر،
محبت جي وري مونتي عنايت ڪر.

نہ انڌو آن، نہ ٻوڙو آن، اجا تائين،
انهيءَ دستور سان جهيڙي بغاوت ڪر.

چمن اجڙي ويو آهي خزائن سين،
بهارن سان ملي گل جي عدالت ڪر.

ڪري آء چانورو هن درد جي اس تي،
اچي آڪاش جيڏي ئي قدامت ڪر.

چڱي سمجهي ويو هين مام قدرت جي،
اچي هت عشق وارن جي امامت ڪر.

رکيو هو پيار کي سانڍي امانت جئن،
وچن امداد! پاڙڻ لاءِ ديانت ڪر.

ڪاغذي گُل ۽ ٻيا مٺان پوپٽ!
دل جو هو هُلُ ۽ ٻيا مٺان پوپٽ!

سونهن ۾ ڪونه آ هتي ثاني،
تنهنجو تون ٿُلُ ۽ ٻيا مٺان پوپٽ!

منهنجي هڪڙي ٻٽي ڪڏهن ڪان آن،
تون دنيا ڪُلُ ۽ ٻيا مٺان پوپٽ!

چاندني رات، سرنهن جي ڪيتي،
چيٽ جو گُل ۽ ٻيا مٺان پوپٽ!

آءِ هلي، ڪاڻ تو نهارن جو،
آ وچيو جُلُ ۽ ٻيا مٺان پوپٽ!

ياد امداد! سو جمالو آ،
ماضيءَ جو مُلُ ۽ ٻيا مٺان پوپٽ!

يار جَي آهي خطن جو رنگ هي!
گل مٿان ڳاڙهن چپن جو رنگ هي!

شام جي خاموش منظر جي گهليا،
آ حنائي ٻِي هٿن جو رنگ هي!

درد سان وکري ويو پيرن ۾ آ،
باغ ۾ ڇڻندي پتن جو رنگ هي!

وهه پيان ٿو مان لڪائي ڳالهہ کي،
ٿو لڳي ڪوڙو سچن جو رنگ هي!

ڪينواس حيات جو ڪورو ڏٺم،
ڪنهن مٿايو ٿي مچن جو رنگ هي!

شاعري امداد! جيڪا ٿو لکين،
ڄڻ هجي ڪو نو رتن جو رنگ هي!

جو هٿن سان ٻاريو ديپڪ،
صبح مون سو ساريو ديپڪ.

نيڻ ياد ۾ تر هئا جي،
تن ڪٽي ٿي تاريو ديپڪ.

باهه عشق واريءَ سان هر،
ٿي پتنگ ماريو ديپڪ.

منهنجا برف جهڙا جذبا،
آهي جن کي ڳاريو ديپڪ.

زندگي جو ڪوسو تاڻو،
ساڻ ساڻ تاريو ديپڪ.

ڇو پري پري آ منزل،
راهه ڏي نهاريو ديپڪ.

ڇؤ ڏسا هئي اونداهي،
مون پئي پڪاريو ديپڪ.

پتنگا چڪي رات آئي بتي،
هٿن سان جڏهن مون جلائي بتي.

گهڙي ريل دردن جي ترساءِ جهَٽَ،
ٻري جيستائين هو سائي بتي.

متان در، دري ڪا تون کولي ڇڏين،
هوائن کان آهي لڪائي بتي.

مسين مون تہ ٻاري وڏي شوق سان،
الائي اڇي ڪنهن اجهائي بتي!

صدين کان لڙائي ۾ مشغول آ،
وٽي يار اوندهہ ۾ جائي* بتي.

نہ امداد! هي روشنائي اجهي
سدائين ٻري پرهہ تائي بتي

* سچ پچ ۾

منهنجي دل تي اڄ ائين، جئن آمراٽو1 آهي ٿر ۾،
تون ئي مان همراهه پنهنجي شام ٽاٽو آهي ٿر ۾.

ڪاڪ ڪوماٽي رقيبن جي الائي ڇو پئي آ!؟
ساوڪن جي هي بہ ڀاڪر ۾ تہ ڀاٽو آهي ٿر ۾.

ڇانگ سان ڇوڪِر ترائي تي اڇي پئي ڇيله لوڏي،
مور واري ٿور جو ڪيڏو نہ ماٽو آهي ٿر ۾.

ٻِيجَ2 جي هٽ چاندني آهي وڇاٽي رات ڀر ۾،
سانوٽيءَ سان هر ڏهر جو ڏينهن هاٽو3 آهي ٿر ۾.

ياد جانم منهنجي آهي روح ۾ هاٽي ائين هيءَ،
ڇڻ مڪڻ جو ڪو لسيءَ ۾ يار! ڇاٽو آهي ٿر ۾.

نيڻ ناسي خوب جنهن جا، ٿي ڪليا ڇپڙا عنابي،
يار سو امداد! منهنجو ٿيو اياٽو آهي ٿر ۾.

1. عمر ڪوٽ جي ويجهو ٿر جو هڪ ڳوٺ
2. چنڊ جي پهرين ۽ چوڏهين تاريخ ڪان پوءِ ٻِيون نمبر ڏينهُن (هر مهيني جي چوٿين ۽ سترهين تاريخ)
3. آلو پسيل

عشق جا اِسرارَ ئي رهجي ويا،
فِڪرَ ۾ پيندار ئي رهجي ويا.

هيڪلي آهي مسافت مون ڪئي،
پوئتي سڀ يار ئي رهجي ويا.

چنڊ ڪڪرن ۾ وڃي ويٺو لِڪي،
رات ڀر ديدار ئي رهجي ويا.

مون وڃائي ڊائري پنهنجي ڇڏي،
جنهن اندر اِظهارَ ئي رهجي ويا.

ڪو به ناهي جو مسيحائي ڪري،
مُورڳو بِيمارَ ئي رهجي ويا.

تند آ امداد! ٻيجل ڪان ڇڳي،
ماٺ ڇو فنڪار ئي رهجي ويا؟

ڇو هيڪلو ويس رهجي يار جي تہ هوندي؟
دلدار کو نئون ڳوليان پيار جي تہ هوندي!

هڪ ياد آ، جياپو جنهن کان ملي وڃي ٿو،
دل خوش رهي انهيءَ سان آزار جي تہ هوندي!

هي ڦيٽ جوهريءِ آهي سون سان ملائي،
ماشو بہ کنهن نہ ڪم جو انبار جي تہ هوندي!

منهنجي حيات گذري تيزيءَ سان روز پيئي!
ڪئن وقت لَمَحُ ترسي رفتار جي تہ هوندي؟

هو ڀَروَسو ڪڏهن ڀي هيءِ ڪونہ بدلبي پر،
دل ٿي مٿا سٿا وئي اوتار جي تہ هوندي!

هن عشق کي لڪايون امداد! ڪيستائين،
نينهن ـ اذان ايندي مينار جي تہ هوندي!

هڪڙي تہ مون پٿر جي مُورت سَٽي ڇڏي آ
وٽندي هئي ڪڏهن جا صُورت سَٽي ڇڏي آ.

بک پاھ چنڊ ڪي شايد رات ۾ ڪيو ٿي،
مون پيٽ پنهنجي جي پِي پورت سَٽي ڇڏي آ.

واعدو ڪري نہ آئين تون چنڊ رات مونڏي،
هاڻي ملڻ جي توسان مورت١ سَٽي ڇڏي آ.

جا پيار ڪان سدائين باغي رهي آهي،
سيني اندر مان يار! ڪدورت سَٽي ڇڏي آ.

ٿيو روحڙو بدن ڪان آ رنج ڇو الائي؟
هاڻي حيات جي تہ ضرورت سَٽي ڇڏي آ.

اڄ ننڊ ڪي ڏئي سپنا رات سون روپا،
جا جاڳ ڪئي هئي، سا ڏورت٢ سَٽي ڇڏي آ.

مان پلصراط تان ٿو گذران تہ عشق جي تان
امداد! واپسيءَ جي صورت٣ سَٽي ڇڏي آ.

١. شپ گهڙي ٢. لچو بدماش ٣. طرح، ريت

ادا هُن جِي دل کي وٽي ٿي وڃي،
ڏئي ٺهڪ مونکي ڪٽي ٿي وڃي.

ڏِگها وڻ سفيدي جا رستي ۾ هي،
جتان چانڊني پِي ڇٽي ٿي وڃي.

بدن جي هي خوشبوءِ لڪائي ڪٽي،
هوا سان چڪر جو هٽي ٿي وڃي.

اکين جي هلي ڪاڪ ۾ جي اچي،
اجا هيءَ محبت گهٽي ٿي وڃي.

دعائن ڪان ٻاهر نہ نڪري سگهي،
اڪيلي تہ منهنجي ڄٽي ٿي وڃي.

مٿين ۾ رکي قيد مون وقت ڪان جا،
هٿن مان سا کسڪي پٽي ٿي وڃي.

جي پائي لٽا يار گيڙو اچي،
وري عشق جو ئي ڏٽي ٿي وڃي.

ضروري نہ امداد! آ سانوٽي،
وسي اک ۾ اک جي ڪٽي ٿي وڃي.

ڪنهن ڇيو ٿئي شديد محبت کي!
ڪنهن ڇيو ٿئي جديد محبت کي!

مون ڏٺي جا، سدا مَماتي آ،
ڪنهن ڇيو ٿئي شهيد محبت کي!

واڪ آهي هنيو شهر ۾ هن،
ڪنهن ڇيو ٿئي خريد محبت کي!

راس انگور جئن پڇي ٿي جو،
ڪنهن ڇيو هو ڪشيد محبت کي!

اک سوالي پڇي وئي رهجي،
ڪنهن ڇيو ٿئي فريد محبت کي!

درد امداد! هڪ لڳي توکي،
ڪنهن ڇيو ٿئي مفيد محبت کي!

جئڻ عشق اسان امداد! ڀرپور ڪيو آهي
مڏ ڪاڙ چني، زخمي انگور ڪيو آهي

عادت نہ هئي نيڻن کي تڪڙ جي اڳ راهون،
مون کين حسينن سان معمور ڪيو آهي.

ڪافي آ تنهنجو جلوو هاٿي ڀي جلائڻ لئہ
هر ڪوهہ تڪي تو ئي جو طور ڪيو آهي.

دل لفظ ڏنا چوندي تحرير ڪيان ڪوتا
ات خيال رهيو جيڪو ناسور ڪيو آهي.

سانجهيءَ کان رتو آهي مون رنگ گهري ورتو
سنسار سڄو ان سان سندور ڪيو آهي.

گهاٽا بہ وڪاٽا هن ۽ ڪوڙ بچائڻ اڄ
هي سچ چئي خود کي منصور ڪيو آهي.

ڪيسين هي حياتي ڀي گمنام رهان جانم!
مونکي تو محبت ۾ مشهور ڪيو آهي.

ساهہ سيني ۾ يار باقي آ
موت کان پوءِ پيار باقي آ

نيڻ آهن نهار ۾ اٽڪيا،
هائو ڇڏي، انتظار باقي آ.

بي سڪوني ۾ لوھ لڳ منهنجا،
ڪٿي چوان مان قرار باقي آ؟

تنهنجا منهنجا پساھ پيي ساڳيا،
جسم تي تنهنجو وار باقي آ.

قول معصوم هئا، وئي چاٽي،
پر خزان ڪاڻ خار باقي آ.

موت ترسي پيو گهڙي ڪن لئہ،
درد دل جو غبار باقي آ.

نيٺ پلبو تہ آسرو دل جو،
هن وڇن کان فرار باقي آ.

زلف امداد اڳيان ڪنديڙين ٿي،
بس اسيري ۾ چار باقي آ.

ٻُل شبنمي ويا ٿِي،
پل زندگي ويا ٿِي.

ناهي ملي وفا ڪٿ
يار موسمي ويا ٿي.

جن جي خبر ئي ڪونهي
سي اڳڪٿي ويا ٿي.

سپنن ۾ چنڊ آيو
مک چاندني ويا ٿي.

زنجير عشق پاتي
سُکَ ساهه پيي ويا ٿي.

تنهنجي چمي بدن کي
چپ چاشني ويا ٿي.

امداد! خيال منهنجا
گل ڪاسني ويا ٿي.

درد ۾ ماڻهوءَ کي قاتل ٿو ڏسان!
سچ کي ٿيندي تہ پاڳل ٿو ڏسان!

رات ۾ وڻ ڳوٺ جا وڍجي ويا،
راتِ کان ئي ٻنا بادل ٿو ڏسان!

مئہ رکي ناهي هٿيءِ تي تو ڪلال!
هر پيالي ۾ هلاهل ٿو ڏسان!

قول هئا، مون ڏانهن آيا پٿر پيي،
هٿ اتي ڄاتل سڃاتل ٿو ڏسان!

رقص ۾ هي زندگي گذري وئي،
پير ۾ زنجير پاتل ٿو ڏسان!

آب نيڻن ۾ رکو روڪي سگهيون!
سانوڻيءِ ۾ آلا سانول ٿو ڏسان!

رات آئي ويس ڪاري ۾ هئي،
گهور ۾ امداد! ڪاجل ٿو ڏسان!

تا عمر قيد ٿي وئي آهي
زندگي پيد ٿي وئي آهي

ڪوڙڪي هن جي لئہ وڇاڻي هئي!
بي سبب صيد1 ٿي وئي آهي

سون جئن سانڍيم محبت کي،
پوءِ بہ ناپيد ٿي وئي آهي!

ڳوليو جنهن کي شام صحرا ۾،
رڃ ۾ سا کيد2 ٿي وئي آهي.

هن جي جوڀن تان جان و جسم نثار،
جلد جاويد ٿي وئي آهي

دل ۾ تمثيل هُن جي آهي پڪي،
جام جمشيد ٿي وئي آهي.

تنهنجي لئہ پيار جا سڪا ميڙيم،
هنجَ چو ڇيد ٿي وئي آهي!؟

درد آهي رتي اسانجي اک،
شام پيي ريد3 ٿي وئي آهي.

ڪوڪ ڪويل جي آھ ڪاٺُ هنيو،
ياد نو پيد ٿي وئي آهي.

زندگي پر ڏنو زخم جنهن ٿي،
سا سکي ويد ٿي وئي آهي.

هاڻ امداد! شاعري تنهنجي،
جڻ وڏي بيد ٿي وئي آهي.

1. شڪار
2. ڏوڪو دولاب
3. سرخي مائل

ٿي پيچي خواب منهنجي جو درپن
چير چوري! تنهنجي ڪري ڇن ڇن

چنڊ جو روپ آن سراپا تون
سانوري رات ڪي ٿي ڏين جوڀن.

تو سواءِ چين آ پري مون ڪان
پيار تنهنجو وجود جو بنڌن.

هي نگاهن ۾ سار جا تارا
جڻ ڏياري جا ٿا ڏِئا ٽمڪن

ٿو ڪلي ڪارونجهر جو ڪيئن ٿري!؟
ميگهه جو جيئن گگهو آ پاتو بن

جي غزل مون لکيا تنهنجي سونهن تي
سي ٿا امداد! سون جئن جرڪن.

ٽيڙُو نہ ڳتي آهي
هِيٺي ٿي بتي آهي.

تو ڪاڻ هجي تولو،
مون ڪاڻ رتي آهي.

ڪا عمر اجهاٽي آ،
قاتل ٿي بتي آهي.

مٺ منهنجي ڪنئي واري،
ڏرتي چو تتي آهي.

هو ڪڪر اتر آندو،
جڻ نِپَ چتي آهي

پئي موت ڪهاڙا! تو،
ماري تو ستي آهي.

تي جاڳ رهي مون ۾،
اک جيئن رتي آهي.

سوغات ڏني دردن،
مانڊاڻ متي آهي.

تو عشق گهري ورتو،
جو ازل پتي آهي.

امداد! مُئين هڪ تون،
هر آلي پتي آهي.

رات امداد! تو ڀنو تاڻو،
زندگي تِي سکي سواءِ گهاڻو.

دل ڪيون درد کي پٺي منٿون،
پر چڙي درد ڪيئن ٿو ماڻو؟

چنڊ آهي سُڪونَ جو ڪاٿي؟
ڪو ڏسي من_مٺي جو مون ڀاڻو.

ٿي اجان دڳ ڪي ٻاڳ جاڳائي،
ٿو سڏي هُو ڏراڙ چئي ڀاڻو!

آس مومل رکي اجا آهي،
نيٺ ايندو وري ملڻ راڻو.

ڏپ ککي مون ۾ ڀي رکي آهي،
مان گناهن جي هان مڇي هاڻو.

روح بي چين ٿو رهي منهنجو،
پنهنجو ئي جسم ٿي پيو ٽاڻو.

ويڙهيل ڪوئي ٽانُ روئي ٿو
جسم تان ڦاٽي بانُ* روئي ٿو

تير هن جا ڪٽي ويا هن سڀ،
خالي سو اڄ ڪمانُ روئي ٿو

ڪو نہ پوڙهو ڇپاڙي سگهيو آ
سڪل هڪڙو پيو نانُ روئي ٿو

اڄ جو ماڻهو ٿو ٿهڪائي دل،
هائي! ماڻهوءَ جو شانُ روئي ٿو.

درد ڏيندڙ اچي جنازي ۾،
دوست ٿي مهربانُ روئي ٿو.

هڪڙو ڳوڙهو ڳڙيو اک مان،
ايئن لڳو هيءُ جهانُ روئي ٿو.

ڪيئن ٿجوڙي ۾ عشق ڪي رکندي!؟
تنهنجي اکڙين مان دانُ روئي ٿو.

* لباس

اسان کي عشقُ پيو پل پل شمع وانگر پگهاري ٿو!
وٺي هٿ ساهہ ـ پروانو پڇڻ ڪارڻ پٽاري ٿو!

پئي هڏڪي رهي مون ۾ نچندي مور پرڙن جيئن،
بهاني سان ائين توکي منهنجو هي پيار ساري ٿو!

ڪيو آ چانڊني کي رات ۾ چوري ڪکر ڪاري،
ڏنو تو ڪيئن ڳلي تنهنجي وري پيو چنڊ ٻاري ٿو!

نئين ننگر ڏي آهي آس جي اڏري چڪوري ڪا،
اکين جو چنڊ جانم ڏي اميدن سان نهاري ٿو!

پڙهي چو نيڻ پنهنجا ٿو جلي سارو زمانو هي،
هتي ماڻهو ڏسو سگريٽ ڪنهن جئن پاڻ ٻاري ٿو!

رهي بارش جي موسم ٿي سدائين پنهنجي دل اندر،
اڪيلو ٿي جدا "امداد" ڳوڙها عام هاري ٿو!

ٿا پڙڇي تار تي ڳائن اجا تائين
هوا ۾ درد ورجائن اجا تائين

مون سمجهي روز امرت ٿورڙو پيتو
پُٽا* ڇا لاءِ ٿا گهبرائن اجا تائين!؟

فقيري حال منهنجي تي پلي ڪِل تون
فقر ڦيرا مون ۾ پائن اجا تائين

وڙهي جهڪ سمنڊ جي آهي مهاڻن سان
بتيلا ڪئن ڪپر لائن اجا تائين

ڪچي گهر جيئن مان سيلاب ۾ ڦاٿل
مون ڪي درياوَ ٿا پائن اجا تائين

پهر هي رات جو امداد! ترسي پئه
اکين سان خواب ڳالهائن اجا تائين.

* نشي پتي (شراب) ملڻ جو دڪان

نيتِ محبت قريب ٿي يارو!
ٿي ويو آ سڦل سفر سارو.

جا بہ دشوار هئي صفا منزل،
عشق ٿاهي ڏنو نئون چارو.

مون حياتي ڏني تنهنجي در تي،
تو سدائين ڏنو ڏکن ٻارو.

جوڳياڻيءَ اکيون ڇو ڇورايون؟
اک پڇي ٿو پڇي ڪلي ڍارو.

سانوڻي سان اچين هان گڏ تون پيي،
روح رهجي ويو هي تاسارو.

هڪ قبر جي زمين ها ملندي،
پاڻ ڏي ناهي ڪو ٻني ٻارو.

رات آڪاس ڪان جو وڇڙيو هو،
جهول ورتو زمين سو تارو.

لڙڪ پيئندي عمر گذاري آ،
مرڪ "امداد" جي هئي گذارو

رات دل جي شمع ڪيئن ٻري؟
جاڳ آندي مٿان وسوسن جي پري!

جسم چندن تنهنجو ياد آهي اڃان،
زندگي جنهن جي خوشبو ۾ منهنجي ٻري!

ڏينهن ڪوسو اسان تي هُئو جون جو،
سار ايندي تنهنجي من جي موسم ٺري!

او سکي! نيڻ بادل تنهنجا ڇو ٿِيا؟
مان انهن کي ڏسي ٿو پوان ايئن مري!

وقت جي وير آهي چڙهي ڇا ڪجي!؟
هيڪلو جيئِجي، يا ته پئجي مري!؟

هي وڇوڙو سهان مان اڪيلو نه ٿو،
ڏس ڪناري ملي آ لهر پيي وري!

تنهنجي امداد! ٻيڙي پني جي هئي،
وقت جي وهڪِري ۾ ڀلا ڪيئن تري!

درد سان دوستي ٿي پراڻي وئي
بند ورقن ۾ رهجي کهاڻي وئي

دل پکي جي مٿان پيار جي تار تي
رسِمن جي گليلي آ تاڻي وئي

هن ٻڌي ڇير هئي عشق واري اچا
ڇو لهي قبر ۾ پوءِ نماڻي وئي؟

هٿ جي ريکا اسان جي ملي ڪين ٿي
زندگي پاڻ ڪان پاڻ واڻي وئي

ٿو وڙهي روز همزاد سر عام هي
سوچ مون ۾ مچائي مياڻي وئي

زور سان پيچ پاتل ڇنائي تکي
روح جي منهنجي لغڙي اڏاڻي وئي

شام لمبي ڪچو پنهنجي ڪوٺو گهر جو
آس ڪائي ڪٽي اوڏياڻي وئي

باک امداد! آهي ڦٽي ديس ۾
چاندني رات ويندي وهاڻي وئي.

حال آهر نباهہُ ٿو ڪريان
پاڻ ڪي ڇڙ تباهہُ ٿو ڪريان

پنج درياهہَ درد جا مون ۾
سمنڊ ۾ پنهنجو لاهہُ ٿو ڪريان

ڪوئلي ڪاڻ ۾ ققڙ زخمي
پيٽ لاءِ هٿ سياهہُ ٿو ڪريان

تنهنجي آهي ڏڪار سان سنگت
پيار سان آنءُ چاهہُ ٿو ڪريان

پائي گيڙو لٽا فقيريءَ جا
فرش ڪي تخت گاهہُ ٿو ڪريان

پاڳ سان ريس مون چڙي آهي
هٿ لڪيرن سان ناهہُ ٿو ڪريان.

پيار جو معراج ماڻي ڇا ڪجي!؟
نيڻ نيٽن ڏانهن تاڻي ڇا ڪجي!؟

دور آهي بيوفائيءَ جو هتي،
دل اندر ۾ عشق واڻي ڇا ڪجي!؟

ريت جنهن ڪي اڄ ورائي آ وئي،
تنهن وڃي ڀي ڀينگ ڀاڻي ڇا ڪجي!؟

سچ ڇڏي پاڇا نديءَ ۾ ٿو لهي،
هيڪلو هن شام ٽاڻي ڇا ڪجي!؟

حرمتون هن سونهن جون لٽجي ويون،
هاڻ راڻا ڪاڪ ماڻي ڇا ڪجي!؟

هي اٿو آهي اڳيئي ٿورڙو
سو اجايو يار ڇاٽي ڇا ڪجي!؟

شاعري تنهنجي ڪري آهي فقط
ٻي اجا تعريف هاٽي ڇا ڪجي!؟

جو دنيا ۾ ايئن مرٽو ناهہ پوءِ
عشق کي پيڙهي بہ گهاٽي ڇا ڪجي!؟

هي لڪو امداد! ئي آهي ڇڱو
روبرو پيي درد آٽي ڇا ڪجي!؟

اُتن ٿا آڏيءَ رات دريا غمن جا
ڏسان پنهنجي اندر ٿو صحرا غمن جا

ڪٿي چانڊني هي لڪي آ سڪن جي!
ٻري پيا حياتيءَ ۾ ڏِيئا غمن جا.

ولوڙي مهي جيئن سوبري اٿي مون،
تري پيا دکيءَ ۾ مکڻ چاٽا غمن جا.

ڏنا قول سڀ مون محبت جا ميڙي رڳو
جهول ۾ خار ڪنيا غمن جا.

نچن مون ۾ امداد! مورن جيان ٿا،
وکوڙي منهنجي دل واچوڙا غمن جا.

ڪٽي ٽي ٻڪاٽ ڳيروءَ جئن ڏياٽي هي،
مَٽو مُنهن پئي پٽي اونداهہ گهاٽي هي.

اڃا آهي ڪلي ۾ پي پريو پاٽي،
ڇو سمجهي پاڙ پيئي ٽي اساٽي هي!؟

ٻُري آزاد ڳيرن جي اڃان ڳٽ ڳٽ،
اڃان زندهہ آهي ٻولي ڳيراٽي هي.

جڙون پاتال ۾ جنهن جي ڪتل منهنجون،
انهي پونءِ مان جڙي آ منهنجي ماٽي هي.

هلين امداد! جي تون واٽ هڪڙي تي،
ڇمندي پير هر جاءِ تنهنجا گهاٽي هي.

منُ ميرو نہ ڪپي، نہ ڪپي،
دک ـ ديرو نہ ڪپي نہ ڪپي.

ڏُنگِي لاٿي درياءَ ۾،
ڪُن ڦيرو نہ ڪپي نہ ڪپي.

پنڇي آڪاس اڏاڻو
واهيرو نہ ڪپي نہ ڪپي.

مون وٽ غم مهمان ٿيو
دل! گهيرو نہ ڪپي نہ ڪپي.

سونهون صحرا جو هان مان،
ڪو پيرو نہ ڪپي نہ ڪپي.

عشق صليبن جو چاڙهي،
سو ڪيرو2 نہ ڪپي نہ ڪپي.

سونا امداد! امن سنگ،
هُل ڪيرو نہ ڪپي نہ ڪپي.

2. لولو لنگڙو

اکين سان اکين کي پڙهين ها!
گهڙي کن لئي منُ مڙهين هان!

ڏئـِـ يار! اَمبرُ چتائي،
اتي چنڊ جيان ئي چڙهين هان!

پنا ماڪ ۾ رات جيڪي،
گلابي گلن کي ڳڙهين هان!

اندر ۾ تہ ملتان ڄڻ آ،
نہ پر ايترو دل ڪڙهين هان!

ڪري ڪوڪ چرخو چوي ٿو،
ڪٿَي دوستيءَ ۾ لڙهين هان!

تون پهلوء ۾ پنهنجي سمهاري،
ڏئي هونگ سک دک ڇڙهين ها!

ڏَهرَ ۾ ترشنا سان امداد!
رلي مرگه وانگي، ڦڙهين* هان!

* ڇلانگون پري اڇڻ

توکي پن ڇڻِ وڻندي هئي،
پيڙا تو ۾ ڪڙهندي هئي.

مرڪي نيڻ جڏهن ڪنيا تو،
هيء تہ دنيا ڀِي سڙندي هئي.

سڏ ٻڌندي ڪنهن ڪويل جو،
"هون" ۾ تنهنجي ورندي هئي.

ڳوڙهن جو سرمو پائي،
آشا دل جي مرندي هئي.

روز مَمات ڏيڄاريندي،
يار حياتي ڇرندي هئي.

لوڪ لڳائي وچ ۾ جا،
آڳ اهائي ٻرندي هئي.

هردي ۾ ياد اڇڻ سان،
امداد جيان ٿرندي هئي.

روح جو رَچَڻُ تِي رقص جي برابر
موج جو مَچَڻُ تِي رقص جي برابر

رات ٻي نري آ، مهل ٻي پري آ
مينهن جئن اَچَڻُ تِي رقص جي برابر

تو ڏسان اکين کي سمنڊ جئن چڙهيل پيو
لڙڪ سين جَڇَڻُ تِي رقص جي برابر

عشق ۾ شمع تي ٽا اچن پتنگا
آڳ تي پَچَڻُ تِي رقص جي برابر

ميڻ من ٿيو صوفي سندو مدامي
ناچو تي نَچَڻُ تِي رقص جي برابر

وار اچ قلندر جي نگر ۾ کولي
رنگ ۾ رَچَڻُ تِي رقص جي برابر

صاف پنهنجو هي امداد! رک تون اندر
گڇ ۾ چا گَڇَڻُ تِي رقص جي برابر!؟

جَي درد تنھنجي جو ڪو درمانُ ملي پوندو،
منڌل ۾ مئل من کي جيئدانُ ملي پوندو.

ڪجھ رنگ اميدن جا پريان جي ملين مون سان،
ڪو تنھنجو اسانکي ھي احسان ملي پوندو.

ھر گام تي ڏسجن ٿا ماڻھن جا گھٽئي ميڙا،
آخر ڪو ڪڏھن مون کي انسان ملي پوندو.

نيڻن کي وڃايو ٿم گلڙن جي بجا گس تي،
من مھڻو منو ڪو اڄ مھمان ملي پوندو.

ھر رات اچي مل تون سپنن ۾ سنئين سھنجي،
گھر ۾ ٻه اچڻ جو ڪو امڪان ملي پوندو.

جئن دور ٿو ٿين مون کان ڪئين وھم وڪوڙن ٿا،
اڄ يار! تون ڪجھ اوڏو ايمان ملي پوندو.

مان پاڻ چڙھي ويندس امداد! صليبن تي،
جي عشق جي طرفان ڪو فرمان ملي پوندو.

ياد ڪا چشم تر ڪري ويئي
مون ۾ هوءَ پنهنجو گهر ڪري ورئي

اڄ ڏئي پنهنجي ڪا خبر مون کي
پاڻ کان بي خبر ڪري ويئي

آ وٽس جڻ بهارن جو ميلو،
جا خزان جي نظر ڪري ويئي.

هونئن ته ٻئي نيڻ ڄڻ هئا ساحل،
دل ۾ ويندي ٻنور ڪري ويئي.

ڪا قيامت ڇڏي هن آ مون ۾،
منهنجو مشڪل بسر ڪري ويئي.

هئي حياتي مٿاس امرت جو،
هو هٿن سان زهر ڪري ويئي.

مون کي ڏيکاري پنهنجو هڪڙو در،
عمر پر در بدر ڪري ويئي.

جنهن جي لاءِ پاڻ کي اڙايو مون،
سائي دل ڇا حشر ڪري ويئي.

پنهنجا امداد! درد ۽ يادون،
زندگي لئه ثمر ڪري ويئي.

بنا اوهان جي ڳچي ۾ لڙڪي حيات اهڙي ڪجي تہ ڪاڏي؟
مٿان زمانو بہ تيل ڇڙڪي حيات اهڙي ڪجي تہ ڪاڏي؟

مرڻ جيئڻ جو پڇي ڪو مونکان ٻنهي جي وچ ۾ پيو ٿو ٽڏجان!
ڇري هي دلڙي اوهان لئہ ڏڙڪي حيات اهڙي ڪجي تہ ڪاڏي؟

اوهان ڪان وڇڙي مرون پيا ٿا دعا گهرو ڪا ٿري پئي من،
ڪُني پئي ڪا اسان ۾ ٻڙڪي حيات اهڙي ڪجي تہ ڪاڏي؟

آ دور تائين طويل صحرا نہ ڇانورو ڪو سجهي ٿو ڪوئي،
گهڙي گهڙي ۾ ڪو درد ڪڙڪي حيات اهڙي ڪجي تہ ڪاڏي؟

سَڏي پيو آسمان مون کي ۽ حال منهنجو بنا اوهان جي
ڪٽيل پرن سان پکي ڪو ڦڙڪي حيات اهڙي ڪجي تہ ڪاڏي؟

متل ڪي ميلا ڇڏي اچي ٿي منجهان هجومن ٻڇيو وڃي ٿي،
ڪا ماٺ مون تي اچي ٿي ڪڙڪي حيات اهڙي ڪجي تہ ڪاڏي؟

اُتر آهي لڳو اڄ وري ڳوٺ ۾
ٿُون نہ آئين اسان وٽ وري ڳوٺ ۾

ڪُونج آهي وئي هيڪلي هو مٿان
ڪُڙڪ آڪاس مان آ تري ڳوٺ ۾

ياد انبار تنهنجي مون سانڍي رکي
زندگي جي ٿڪايو پري ڳوٺ ۾

تو بنا مون ۾ صحرا ائين ٿو لهي
جڙ اجارو هجي ڪو ٽري ڳوٺ ۾

چاندني رات ڳولهي پئي نو لکي*
کين ڪاٽي ڪلي هئي دري ڳوٺ ۾

يار امداد! آتو منهنجو ساهہ ٿيو
پوءِ چوين تون مٿان ويو مري ڳوٺ ۾.

* نو لکي واهہ جنهن تي منهنجو ڳوٺ ٺاروشاهہ ٻڌل آهي ۽ اڄڪلهہ اهو واهہ پنهنجو وجود وڃائي ويٺو آهي

لوڪ جي ڏوهہ جي سزا پوڳيم
داخلي، خارجي فضا پوڳيم

ياڳ ۾ هو نہ هئي حياتي ۾
روز رب جي اها رضا پوڳيم

ڪٿ مجازي، رهيو حقيقي ڪٿ
زندگي ٿي وئي قضا پوڳيم

ويلَ* ڪاٽڻ غريب ويٺل هئا
هت اميرن سندا مزا پوڳيم

لوڪ بکيو ماني ٽڪر جي لئہ
هوٽلن جي ڏسي غذا پوڳيم

يار امداد! ڪئي وفا توسان
تنهن جي بدلي اها جزا پوڳيم.

* ويلو بک، فاقو

تو سواءِ ڪٿ قرار آ دل ۾؟
ڪوئي ويران ديار آ دل ۾!

ٻاهران، جيئن خزان جي هان پن ڇڻ
پوءِ ٻه اندر بهار آ دل ۾!

دردُ ڪئن ساهه ٿو ڪٽي جيئي؟
مون سجائي تہ دار آ دل ۾!

جنگ جيتي انا جي مون آهي،
پر مان سمجهان ٿو هار آ دل ۾!

آءُ تون اداس کو ڪٽي هاٽي،
مون اڏائي مزار آ دل ۾!

آن وچن جي ڪچي اجا تائين،
مونکي پر اعتبار آ دل ۾!

قدم امداد! ٿا چڪن توڙي،
ڇڻ هنئي تو مهار آ دل ۾!

منهنجي اوقات ڪنهن پُڇي ناهي
عشق ۾ ذاتِ ڪنهن پُڇي ناهي

ياد آ پنهنجو نِنڊپڻ مون کي
پر ڪٿي بات ڪنهن پڇي ناهي

منهنجو مُلھ مصر ۾ سڪو ڪوڙو،
زر جي افراط ڪنهن پڇي ناهي.

چنڊ ماپيو آ ٻاڪ هڪڙي ۾،
ڇو ڏکهي رات ڪنهن پڇي ناهي.

آڳ آهي ڏنوڙ دڪائي جا،
مان ڪهڙي ذات ڪنهن پڇي ناهي.

رات شبنم گڏي هي لڙڪن سان،
مند برسات ڪنهن پڇي ناهي.

درس امداد! ٿيو غزل تنهنجو،
ڪئن لٿي ذات؟ ڪنهن پڇي ناهي.

عظمتن جي پڙهان داستان کي وري
دل چوي ٿي چُهان آسمان کي وري

خواب آهن ڏنا جنهن سدائين پٺي
چوٽڪارو ڏيان تنهن زبان کي وري

قافلو ڏڙڪنن جو ڇمي ڇير جئن
عشق واري ڇمان ڪاروان کي وري

تيز آ اس ديوار ديوار تي
پيو اتي ڳوليان سائبان کي وري

چور پرواز ۾ جو اڏاڻو پکي
ڇا لئي ماريان نيم جان کي وري؟

رنگ ميڙي نوان مان چتر ٿاهيان
تنهنجي مورت ڏسان ٿو ڏيان ۾ وري

نيڻ امداد! اڙجي غزل ۾ ويا
خيال ۾ جاچيان بادبان کي وري

خوفَ ۾ هان، امتحان ۾ هان اڃا!
موج درياءَ، بادبان ۾ هان اڃا!

جو سدا سيلاب ۾ آهي ٻڏو
مان تہ ساڳي پڙ مڪان ۾ هان اڃا!

راهہ تان ٿالهي وڏي ڪوئي ويو
پر ڪڪر جي سائبان ۾ هان اڃا!

مان پکي هان شام جو اڏران پيو
گڏ وڳر سان آسمان ۾ هان اڃا!

جا ڪڏهن ڪاٽي سگهي ناهي ندي
سخت جڙ مان تنهن چٽان ۾ هان اڃا!

ٿا وصولي زور تي ڪن ڳوٺ ۾،
مان محبت جي لڳان ۾ هان اڃا!

ورق گم سڀ ٿي ويا واقف ٿيس،

ڪنھن نہ ڪنھن پر داستان ۾ ھان اڃا!

دوستن جي محفلن ۾ خوب مان،
دشمنن جي خود زبان ۾ ھان اڃا!

سڀ خزائون مون تي آھن خندھ زن،
پر جھان جي ڪھڪشان ۾ ھا اڃا!

لوڪ مونکي گر ڏڪيو آھي پري،
آسمان جي سائبان ۾ ھان اڃا!

عشق ٿو امداد! ٿنگي گھاٽ تي،
آيو قاضيءَ جي نشان ۾ ھان اڃا!

ستمگر! ڙي سِتمُ تنهنجو نِهايت ئي الڳ آهي!
جا رسوائي ۾ گذري سا قيامت ئي الڳ آهي!

لکي ڇڏجانءِ ڪتابن جي اسانکي انتسابن ۾
محبت جي غزل جي ڏس حڪايت ئي الڳ آهي!

خزائن ۾ ڇٽي خوشبو ڇڏي ناهي ڪڏهن گلڙن
بهارن ۾ انهن جي يار! قسمت ئي الڳ آهي!

اثر ڏاڍو رکي حاذق! تنهنجو دارون جگر تي پيو
ڪيون ڇا پر اسان جي هي طبيعت ئي الڳ آهي!

بظاهر ٿا اسان سمجهون گهٽو پي پاڻ کي بس خوش
شرابن سان ملي پر پنهنجي حالت ئي الڳ آهي!

غزل تي غور ڏيئي تون ڪڏهن سمجهين پڙهي جي هِي
رهيو انداز منهنجو تو بدولت ئي الڳ آهي!

رهان امداد چپ ٿو مان، متان ڪمزور سمجهين تون
اجوڪي دور ۾ منهنجي شرافت ئي الڳ آهي!

منڊّ ٻہ ڏُکَ يار پِيَان ٿوا
آنءُ ٻَران ديپ جِيَان ٿوا

تو جي مون کي يار ڏنا.
سارا سي درد نِيَان ٿوا

ڪستوري پل پنھنجا ڪر،
چندن جي مھڪ ٿِيَان ٿوا

پيار منجھان تنھنجي ھٿ ۾،
ڳاڙھا گل مان تہ ڏِيَان ٿوا

پرواز چڪور ڪري آءُ،
چنڊ ملي رات مِيَان! ٿوا

ھجر جي امداد! تپش سان،
اڄ ڪوسو واءُ ٿِيَان ٿوا

پيار ۾ لاجواب رستا ها،
سچ پچين انقلاب رستا ها.

زندگيءَ جي سفر وڇايا جي،
ڳولهيا رات خواب رستا ها.

گهائجي پير چانڊنيءَ ۾ ويا،
ٿوهرن سان عذاب رستا ها.

سرخ قالين جئن وڇاڻا نيڻ،
چاهتن جا گلاب رستا ها.

تار دل زيب سان وڄي تنهنجي،
جڻ تہ پنهنجا رباب رستا ها.

مان تہ پنهنجي سوال ۾ الجهيل،
جي ڏنا تو جواب رستا ها.

زير پنهنجي رهي جواني هئي،
جن جلايو عتاب رستا ها.

اڄ امداد! ڪٿ ڪٿي ناهي،
سانوڻيءَ ۾ سراب رستا ها.

روز هِجرَ ڳوڙها ڏيندو آن،
گهيڙ و گهٽ سوڙها ڏيندو آن.

ساڙيندي گذري جيون ويو،
پيهر چو لوڙها ڏيندو آن!

مون ڦاهي گهاٽ لتاڙيو پر،
گردن کي ٽوڙها ڏيندو آن.

آنءُ جَوانَ جذبا رکندو هان،
تون الڪا پوڙها ڏيندو آن.

مونکي ٻُڏندي ڏسندي ئي تون،
چولين ۾ هوڙها ڏيندو آن.

ڪنول جي پاڙن کي ساڙي،
ڍنڍ مٿان ڏوڙها ڏيندو آن.

مجنون جئن امداد! اڇان ٿو،
چو زمانا! ڦوڙها ڏيندو آن؟

ٿو وري نگاهه ۾ ڏسان پياس!
نينهن جي نباهه ۾ ڏسان پياس!

سانوٽي وسي وسي ٿڪي بہ نيٺ،
مان پيو تہ راهه ۾ ڏسان پياس!

ڏي اجان اياغ ۾ پري شراب،
پنهنجي يار! آهہ ۾ ڏسان پياس!

پل ملاءِ گهڙيءَ جي لئي نهار،
اڪ اندر پناهه ۾ ڏسان پياس!

مان ٻڪان ڏهر ڏهر ڪٽي تلاش،
پنهنجي، پاڻ چاهه ۾ ڏسان پياس!

اپ وڃان پري تکي هتان اڏار،
جت ڪڪر سياهه ۾ ڏسان پياس!

ڊنڊ ڪان حياء چاندنيءَ ڪيو نہ،
هن منير ماهه* ۾ ڏسان پياس!

* چنڊ

هاءِ! ٿي الزام زندگي،
آ رُني هر شام زندگي.

باهہ ٿي نمرود جئن ٻري
ڏک سَٺا هن جام زندگي

آ ڪڪر جو ڇار چنڊ تي
هاڻ ٿي آ دام زندگي

خواب جي يلغار ڪان پڇي،
جاڳ وٽ ٿي سام زندگي.

ڪٿ تماشو عشق آ ڇري،
ٿي نہ تون ابهام زندگي.

هاڻ بس امداد پئہ اٿي،
ڳول تون گمنام زندگي.

زور تي گهر ڪري آ وئي سانوڻي
ٿِي وَسي ٿِي وَسي بي چئي سانوڻي

تشنگي مون سمندر جيان آ رکي
سِپَ جي تاس ۾ ٿي مئي* سانوڻي

مُدَتون ٿي ويون هو نہ آيو وري
اڄ اچي آ وئي هي ائي! سانوڻي

ياد ڏوهي ٿي سيڪت جي لائق وئي،
تر اڪيون ٿي ڪري چا لئہ سانوڻي.

مون ڪڇو ڳوٺ خوشين جو دل ۾ ٻڌو،
ڏک جي ڦڙ ڦڙ ڪيو سو رئي سانوڻي.

سانوري رنگ ۾ جا سڪيءَ جي رچي،
مون سا امداد! پياري ڪئي سانوڻي.

* ماپ

زندگيءَ جي پوپان هي زندگي هلي ويئي!
ياد جا رهي مُون کي، ياد پيي هلي ويئي!

سونُ تنهنجي صُورت جو مَس مِليو اکين کي آ
مُفلسيءَ مان نڪِري ڳُل مفلسي هلي ويئي!

چنڊ چيٽ جي چلڪائي پئي ندي نيري
پرهہ جي چمي وٺندي چاندني هلي ويئي!

رات خواب ۾ خيالن جا ٽڪا ڏکي گهوڙا
آس کي لتاڙي پوءِ ننڊ ئي هلي ويئي!

زاهدي رکي آهي مون کٽي نگاهن سان
مئہ ڪشي الائي ڇو آ رسي هلي ويئي!

رمز ڪونہ سمجهي امداد! تو خدائيءَ جي
هر نمود کان اڳ ۾ اڳڪٿي هلي ويئي!

ويران اداسيءَ جي واديءَ ۾ پريشان مان
موٽڻ جو الا رستو ڀلجي هان ويو جان مان

سادي هن طبيعت کي ڪيڏو مون هو سمجهايو،
تنها ٿي سهان ٿو هي اندر جو طوفان مان.

بخشين جي خطا، بخشش ڪر مون تہ نماڻي جي،
انسان کي ماري ڀي سڏجان ٿو تہ انسان مان.

ٿي شام سڏي مونکي هيءَ نانءُ ڪٺي منهنجو،
فرمان ٿيو جنهن کي سو درد جو درمان مان.

هي تند نئين ناهي سرتال نئون ناهي،
ڀيجل جي صدا مان ئي وو!ڀاڳو1 تنهنجو تان آهيان.

مان پيار ورهائڻ لئہ پرديس مان آيو هان،
امداد! تنهنجي هان ٿاروشاهہ2 جو مهمان مان.

1. ڀاڳو ڀان 2. منهنجي جنم ڀومي

ٻُڏي وچ ڪهاڻِي اڙيا دل اسان جي،
ٿِي آن راڄ راڻِي اڙيا دل اسان جي.

چري پيار ۾ ٿي، چري ئي اجا آن،
ڇئي ڪنهن سياڻِي اڙيا دل اسان جي.

ڇني قول مالها ۾ ٿو پوئجي جئن،
تو سين تيئن واڻِي اڙيا دل اسان جي.

منهنجي سوچ آهي ته جڻ ڪو تماچي،
ٿي نوري نماڻِي اڙيا دل اسان جي.

ملي عشق مايا ازل کان اسان کي،
سدا تون ڏياڻِي اڙيا دل اسان جي.

رهين ٿي ردا پيار جي مون ۾ پائي،
ٿيو امداد هاڻِي اڙيا دل اسان جي.

اڄ اهو ماهه رُو روبرُو ٿي وڃي
شاعريءَ جي زبان گفتگو ٿي وڃي

پيار جو پاند ليڙون هجر ۾ ٿيو
ست نفرت جي سان ڪئن رفُو ٿي وڃي!؟

مات اهڙي ملي مات ويئي لڳي،
نيند تي نينهن پيي سرخُرو ٿي وڃي.

پير پيڙا وساري پنهنجي پيار ۾
چير سان رقص ۾ جو محو ٿي وڃي

چين تنهنجو ڪڏهن پيي نہ رهندو تو وٽ،
جي ڪمهلائي ڪويل جي ”ڪو“ ٿي وڃي.

آس آرس پيجي دل ۾ جاڳي پئي،
هو نظر جي اچي آبرُو ٿي وڃي.

ٿورڙو ئي سهي بس جي مرڪي ملي،
پوري ”امداد“ جي آرزو ٿي وڃي.

هاڻي ڀي اسان تي ڪي الزام لڳا همدم!
سنسار جا وڏ، ياقوتي شام لڳا همدم!

ڪاراڻ مان جگنو ٽا نڪرن يا ستارا هي
جي سچ پُڇين جرڪندا جام لڳا همدم!

اُهجاڻَ ڏنا آهن مون چنڊ! تہ چڙهندي جا
هالي ۾ لکيل پيارن جا نام لڳا همدم!

خوابن کي چڏي نيڻن جو جاڳ قبولي آ
پوءِ خيال پراڻا پنهنجا خام لڳا همدم!

جي کيل تماشو سمجهي عشق سان کيڏن ٽا
ظاهر ۾ اهي ماڻهو اَبهام لڳا همدم!

امداد! امر ناهن دُشمَنَ محبت جا،
هي رُوءِ زمين تي ئي گمنام لڳا همدم!

موت مهلت ڏئِي مون ۾ ترسي پيو،
زندگيءَ جو سفر ائن ڏکو تي پيو.

گندگيءَ ۾ وڃائي جواني سڄي،
هاڻ ڳولي پنهنجي خاڪ چرسي پيو.

مَور ۾ ٿو رهي ٿر پياسو اڃا،
روح جنهن جي خوشيءَ ڪاڻ برسي پيو.

سار سنگت ڪي تنهنجي سدائين ائين،
ڳوٺ جئن ٻور انبن ۾ سرسي پيو.

تنهنجي خوشبو تي پڌري پري ڪان پرين،
يار! امداد انهيءَ آس تي جئي پيو.

دل وڏي هُو ڪري اٿي آيو
ڏنڊ ۾ سُک پري اٿي آيو

موتين ۾ گلاب جيئن هئو
يار منهنجي ڪري اٿي آيو

گفتگو باهہ جهڙي ڇورن جي،
ماٺ پوڙهو مري! اٿي آيو.

هن جدائي ڏٺي فلم ڏسندي،
نيڻ ٻوڙها پري اٿي آيو.

هو وفا جي سبيل ورهائي،
مڱ جفا جا ڏري اٿي آيو.

چانڊني رات ۾ سمندر هي،
ڪپر تي ڪُن ڪري اٿي آيو.

تو سوا ڪاغذي ٻيڙي امداد!
هي ڪٽي ٽي تري اٿي آيو.

عشق ۾ لامڪان ٿيا آهيون،
جيئڙي داستان ٿيا آهيون.

وقت وٽ حل سوال جو ناهي،
ڪجهه ڪڙو امتحان ٿيا آهيون.

ڳولهيو آ حيات منزل کي،
پير جو گم نشان ٿيا آهيون.

ڳوڙها پيتا بخال نيڻن جي،
درد جا ترجمان ٿيا آهيون.

رنگ ريتو رهي ٿو اکڙين جو
شام جو آسمان ٿيا آهيون.

ڪنهن ٽاڻي تہ تون وري ايندين،
شڪ انهيءَ جا گمان ٿيا آهيون.

تنهنجي اڳيان اجا ڪُلي ناهي،
ڪيئن گونگي زبان ٿيا آهيون!

خواب واريءَ ذرات پنهنجا هن،
ڇالئہ پٿرُ جيان ٿيا آهيون؟

دک جي امداد! هن سمندر ۾،
پاڻ ئي درميان ٿيا آهيون.

جيئن هن ڪي ڪوليم پاندا نڪري آيا،
ڪي برف منجهان جڙ ٽاندا نڪري آيا.

سچ ٻڌڻ جي ڪا طاقت ڪانہ هيس،
خاموشي جا سپ ڦڦڙ آندا نڪري آيا.

وقت اسانکي سوليءَ تي هو سڏايو،
يار پڪا ٿي ڪسا ڪاندا نڪري آيا.

هن تہ خدائي دولت سان پئي هلائي،
ان جي اڳيان هر هر ٻاندا* نڪري آيا.

آئيني ۾ پاڻ ڏسڻ جي ڪوشش ۾،
هر هڪ دک جا مهاندا نڪري آيا.

*نوڪر چاڪر، باڊي گارڊ، چوڪيدار

تصور ۾ رهِي تنهنجي تصوير جياري ٿي،
لکيا جي تو خط، تن جي تحرير جياري ٿي.

ٿو قيد لڳي منڙو جانم جو ڏنو آهي،
جهنڪار ڪري جنهن جي زنجير جياري ٿي.

ٿيون دل کي لڳن ڳالهيون تنهنجون تہ بهارن جئن،
ٿهڪن ۾ رکي تو جا، تاثير جياري ٿي.

معلوم اڃان ناهي انجام ڇا هي آخر!
واضح ٿي لڪيرن ۾ تقدير جياري ٿي.

امداد! مون آواره بادل ٿي توکي ڳوليو،
خوابن جي ملي جيڪا، تعبير جياري ٿي.

اکين پئي اکين جو اشارو هو سمجهيو
وري عشق ٿيندي سَگهارو هو سمجهيو

ويا روح رلجي هي ملندي اشارو
ازل جو مليو يار پيارو هو سمجهيو

ڇڏيو هو اکين ۾ جو ماضيءَ ڳوڙهو
افق ۾ سو ڦاٽل ستارو هو سمجهيو

اٿيا خواب رنگين ٿي ننڊ شب پر
سويري جو جاڳي اوٿارو هو سمجهيو

ٽڙي ڏار تان ڦول ڪالر تي آيو
سيا ۾ ٻيو ٿيندو نيارو هو سمجهيو

سو اقرار امداد! وسري ٻلا ڪٿن!؟
حياتيءَ جو جان وارو هو سمجهيو

حالتون سازگار ٿينديون ڇا؟
ڪي گهڙيون يادگار اينديون ڇا؟

پاڻ تي جَڳ جون ڪڙيون نظرون!
پاڻ کي ڪنهن پار نِينديون ڇا؟

جي سجايون گلن سان مون آهن
سي ٻَليون خار خار ٿينديون ڇا؟

هر نظر تي نئون جياپو ڏي
پاڻ کي ڪا اڏار ڏينديون ڇا؟

ڇوڪريون باغ کي گهمڻ ڪان پوءِ
هو ڪري ڏار ڏار وينديون ڇا؟

آءٌ جو ئي آهيان سو ئي آهيان

(تاثرات)

جهونجهار جذبن جو شاعر

شاعري مام آهي يا الهام آهي، ان جو نبيرو هيل تائين ٿي نہ سگهيو آهي، نہ ئي وري ڪو هن صنف جي احساساتي ماڳ تائين رسڻ جو پيرو ڪو پيرائتي نموني پسي سگهيو آهي. حقيقت ۾ شاعري سوچ، فڪر، خيال ۽ اسلوب جو اهڙو وشال سمونڊ آهي جنهن جي گهرائي جي انت ۽ وسعت جي پکيڙ ڪي ڪنهن پيماني تي ماپڻ ممڪن نہ ٿو ٿئي. ساڳي ريت شاعري ۾ احساس ۽ خيال ڪي اونچائي جي عرش تائين اڏار ڪي اکين سان توري تڪي سگهجي ٿو، ائين ڪٿي مڃجي تہ شاعري انسان جي درد پري داستان هوندي آهي يا زندگي جي اميد جي جنگ تئي ٿي، جيڪا هر ذات ڏٽيءَ پنهنجي پنهنجي ذات جي سگهہ ۽ ڏانءَ آڏار جاري رکندو اچي ٿو. ان ڏس ۾ امداد سهتو پڻ هڪ اهڙو تخليقڪار ليکجي ٿو جنهن جا شعر پنهنجي سوچ ۽ فڪر سان آزاد اڏار جي نمائندگي ڪندا نظر اچن ٿا. سندن شاعري ڪي اڄوڪي خود غرضي ۽ بي حسي جي انتها تي رسيل سماج جو شعوري اولڙو پسائيندڙ ڪباهتن جي ڪهاڻي ڪوٺجي تہ غلط نہ ٿيندو. جتي هي حساس شاعر پنهنجي سپاويڪ سگهاري سوچ ۽ محبت جي مسيحائي سوچ ذريعي پيار جي پوک پوکڻ ۽ اميد جي جاڳ جاڳائڻ جي ڪوشش ڪندو ملي ٿو. هن جا شعر سماجي مروج حالتن جو وچور بنجي ذهنن ڪي متاثر ڪن ٿا ۽ اتم احساس وري پيارن ٻولن جو ڀڳڙو روپ وٺي پڙهندڙن جي دلين جا ترجمان بنجي وڃن ٿا مطلب تہ هن جا لفظ محبت جي

اوساري ڪندي آفاقي قدرن جو حسن ۽ شعور جي سگهہ جو احساس بنجي اسرن ٿا.

امداد سهتو هڪ انسان دوست ۽ انسانيت ۾ پختو يقين رکندڙ سرجڻهار آهي اهوئي سبب آهي جو سندن اندر جو انسان هن جي شاعري جي جوت ۾ جرڪندو نظر اچي ٿو. وٽن خيال ۽ فڪر جي گهرائي سان گڏ ٻوليءَ جي لئي ۽ سلاست بہ سرس ملي ٿي. هن ذات ڏٺيءَ وصل ۽ وڇوڙن جي ورلاپن کي پوري سچائي سان اوريو آهي. سندن شاعريءَ ۾ جماليات جو ڪيف بہ ملندو تہ سپهہ سالاري واري ادراڪ سان پاڻ ارپڻ واري ڪيفيت جي اورچائي بہ پسي سگهبي. ائين هن شاعر جي شعرن ۾ ديس ۽ ديس واسين جي هر پاونا، امنگ ۽ اڏمي جو ويچار ۽ هر سور جي سڏڪي جو سنيهو سمايل آهي، هن جي شاعري منفرد لهجي، خوبصورت فني جوڙ جڪ، فڪر ۽ اسلوب جي سونهن سان سينگاريل نظر اچي ٿي. هن جا گيت، غزل، نظم ۽ وايون نهايت وڻندڙ آهن جن ۾ روح جون رُتون لعل رَتِيون لڳنديون. نياءَ سان نهاربو تہ هن جا جهونجهار جذبا ئي سندن شاعري جو محرڪ ۽ محور آهن، جن سندن تخليقي سگهہ کي وڏيڪ سگهارو بنائي جديد سنڌي شاعري ۾ ساڪائتي مقام تي رسايو آهي. امداد سهتي لاءِ مون کي پڪ آهي تہ سندن شاعري سنجيده مشاهدي جي ميجتا اوس ماڻيندي ۽ سندن تز تجربي جو نيارو احساس بنجي پڙهندڙن جو من موهي وجهڻ جو مثال ثابت ٿيندي.

ساٿ سلامت! جيئي سنڌ!

مريم مجيدي

14 **آڪٽوبر** 2021

وفا ۽ سچائي جو سهيڙيندڙ شاعر امداد سهتو

سنڌي شاعري ۾ جتي ڪافي شاعرن پنهنجي حال سارو پاڻ کي مڃايو آهي، اتي امداد سهتو پنهنجو هڪ الڳ ٿلڳ اسلوب رکڻ وارو شاعر ٿي محسوس ٿيو آهي. سندس شاعري سيني ڪان منفرد ۽ جدا حيثيت جو مقام به رکندڙ آهي. پاڻ ڪافي صنفن تي شاعري ڪري ٿو مگر غزل جو وڏيڪ پسند ڪندڙ آهي. غزل ۾ سندس ربط رواني فڪر رڌم پنهنجو مٽ پاڻ آهي. سندس شاعري ۾ اگر ڪٿي مايوسيءَ جو ذڪر آهي ته وري ان ڪان ڇوٽڪاري جو علاج به نروار هوندو آهي. هو حسن جي تلاش ۾ ۽ محبوب سان ملڻ ۾ ڪو به عار محسوس نٿو ڪرائي. سندس ٻولي مٺي ۽ بلڪل صاف آهي. پاڻ سلجهيل لفظن کي ڪتب آڻيندڙ به آهي ته وري وڏو محتاط پڻ آهي. سندس شاعري ۾ مظلوم لاءِ همدردي جو آواز به آهي ته وفا ۽ سچائي جو سهيڙيندڙ پڻ آهي. شال اجا وڌيڪ پنهنجا جوهر شاعري جا عيان ڪري ۽ ڪاميابي ماڻي.

مان سندس لاءِ دعاڳو آهيان.

شال سلامت هجي.

(آمين)

پير بها سرهندي

دلبرين جو شاعر، امداد سهتو

جديد سنڌي شاعريءَ جي هن سفر ۾ هر شاعر جي پنهنجي شاعراڻي تخيلاتي پهچ چٽو ڪري ٿي ته هن جو دڳ ڪهڙو ۽ ڪيترو وسيع آهي ڇو جو شاعري تشريح جي محتاج ڪڏهن به نٿي رهي. اسان جو پيارو امداد سهتو انتهائي سيبتو شاعر آهي جنهن وٽ دل جي اظهار لاءِ غزل جي زمين آهي جنهن ۾ هو پنهنجو پيار ۽ ڪيفيتون پوکي ٿو. امداد جي شاعراڻي حساسيت ۽ نزاڪت توجهه ڇڪائيندڙ آهن. هن جي شاعري موضوعيت ۾ ڪافي زرخيز آهي. هن هميشه غزل ۾ نئون احساس اياڻ جي جستجو ڪئي آهي، اڳ به هن جو شعري پورهيو منظر عام تي اچي پاڻ ملهائي چڪو آهي. امداد دلبرين جو شاعر آهي. اهم ڳالهه هي به آهي ته هن لڳاتار شاعري ڪي وقت ڏئي ثابت ڪيو آهي ته شاعري هن جو عشق آهي. امداد جا غزل خوبصورت تصويرن جيان آهن. هن جي فن فڪر ۾ پختگي آهي. هن وٽ پنهنجو نج شاعراڻو رنگ آهي جيڪو ڪيس الڳ ٿلڳ ڪري بيهاري ٿو. امداد جي هي نئين ڪاوش آجيان لائق آهي.

ايوب ڪوسو

آڪٽوبر2021

ذات جي ڏيھہ ۾ سونھن ڀريا خيال ورھائيندڙ شاعر

شاعري جذبن جي زبان جي شارٽ هينڊ لکت آهي، جيڪا پڙهندڙ جي دماغ جي ٽائيپ رائيٽر تي آسانيءَ سان خطي شڪل ۾ ڇٽجي وڃي ٿي. اسان جو شاعر سائين امداد سهتو به ان تحرير جو ماهر آهي. سندس اندازِ بيان ۾ نرمي ۽ نزاڪت، سوچ جي گهرائي، خيالن جي پختگي ۽ ٻوليءَ جي لطافت سان ڀرپور محبت جا انيڪ پوپٽ خيالن جي پيچرن تي اڏرندي محسوس ٿيندا نظر اچن ٿا. هو ڪيڏي نه سادگيءَ سان حساس دلين جي ترجماني ڪندي چوي ٿو ته:

پنبڻين رحل منجهہ جي ويڙهيا
مون پڙهيا سي ڪتاب نيڻن ۾

ان ڪان اڳ ۾ جو هو سوال پڇي
سڀ لکيا ٿم جواب نيڻن ۾

خيال جي اڏار جو اندازو هنن شعرن مان به ڪري سگهجي ٿو:

ڪوئلي ڪاڻ ۾ ڦڦڙ زخمي
پيٽ لاءِ هٿ سياهہ ٿو ڪريان

پائي گيڙو لٽا فقيريءَ جا
فرش ڪي تخت گاهہ ٿوڪريان

ملتان جي گرمي مشهور آهي، جنهن لاءِ چيو ويندو آهي ته شمس تبريز سج کي هيٺ لاهي پلو پڇايو هو، تڏهن کان ملتان ۾ گرمي حد کان وڌيڪ ٿيندي آهي. هن ملتان جي ڪوساڻ جي تشبيهہ پنهنجي اندر جي آنڌ مانڌ لاءِ ڪيڏي نه سهڻي انداز ۾ استعمال ڪئي آهي:

ڇڻ ٻري مون ۾ ڪوساڻ ملتان جي

سرد ڪنهن باهه ۾ پئي سڙي زندگي

ٻئي پاسي وري مريءَ جي تذڪار ۽ پرينءَ جي اچڻ جي خبر سان پيدا ٿيندڙ احساسن کي پيٽ ڏيندي چوي ٿو ته:

پهر پهر اداس، دل مريءَ جيان ٽڏي ٽڏي
اگهڻ پرين اچي پيو، حرارتون وڌي ويون

هو پنهنجي نالي کي تجنيس تام طور بن جڳهين تي نهايت سهڻي نموني استعمال ڪندي لکي ٿو ته:

سدا آهي رهيو جو اڳيرو هر مهل ۾ سڀ سان،
انهيءَ "امداد"جي امداد ناهي ٿي الائي ڇو؟

يا چوي ٿو ته:

ڪا نه "امداد" جي ڪنهن به امداد ڪئي،
التجائون ۽ آيلاز ها پاڻ سان.

بلڪ هن ته رديف ۾ به نهايت خوبصورتيءَ سان پنهنجو نالو استعمال ڪري ڏيکاريو آهي:

تو بن جِئي مري ٿو، امداد ٿي اڪيلو،
اندرِ ۾ ئي ٻري ٿو، امداد ٿي اڪيلو.

هن جي شاعريءَ ۾ رومانوي تاثر ڏيندڙ پراڻا لفظ نئين تاثر سان نظر اچن ٿا۽ هو قافين ۾ به اهڙن لفظن جو استعمال ڪندي نظر اچي ٿو. سندس هڪ غزل ۾:

ڳالهه هن جي مَچي ڇڏيم آخر
دل چريءَ کي پَچي ڇڏيم آخر

حال بي حال هو سوا تنهنجي
زندگي ڪٽ وَڃي ڇڏيم آخر

سمنڊ صحرا طرف نه اچڻو هو
پنهنجو سينو سَڃي ڇڏيم آخر

ناھ هن جي خيال ڪان ڪو فرار
پاڻ ڪي ئي ٺيجي ڇڏيم آخر

تانگھ ديدار لئہ هئي امداد
اُن گليءَ ۾ گيجي ڇڏيم آخر

هن غزل ۾ آخري ٿي قافيا اڳ ۾ ڪنهن استعمال ۾ نہ آندا آهن، جڏهن تہ سندس استعمال پنهنجي سنڌي ٻوليءَ جا ٻيا سهڻا لفظ هن ريت جيئرا ڪيا اٿس:

درد پوڙهي سڏي مون کي سامڪ ڏني،
عشق سان ڍيرڪي ڇڻ جواٽي هئي.

يا

پٽي هي گل سمورا مان سجايان تنهنجي زلفن کي،
الائي ڇو مٿان مالهڻ جي ڪانيءَ کان ڏڄون ٿا پيا.

منهنجو ساڻس تعلق فيس بڪ تي ئي ٿيو آهي ۽ اجا تائين ملاقات ناهي ٿي سگهي، پر ڏهاڪو سالن جي ان تعلق دوران سندس شيئر ڪيل هر غزل نہ رڳو راءِ ڏيڻ تي مجبور ڪري ڇڏيندو آهي، بلڪ آئون مسرت سان ڀرپور وجداني ڪيفيت طاري ٿيڻ تي بي اختيار ان کي شيئر ڪري ڇڏيندو آهيان.
منهنجو اهو مڃڻ آهي تہ شاعر پنهنجي لاءِ شاعري ڪندو آهي، پر سندس خيال جو ڪينواس جيترو وسيع هوندو آهي، اوترو ئي وڌيڪ سندس شاعري ٻين کي متاثر ڪرڻ جي سگهہ رکندي آهي ۽ سائين امداد سهتي جي شاعريءَ جي ڪينواس تمام گهڻو وسيع آهي، جنهن ڪان متاثر ٿيڻ بنا رهي نہ ٿو سگهجي.
اميد تہ هن مجموعي ڪانپوءِ تہ سندس گهڻا مجموعا ايندا ۽ انيڪ روحن جي تشنگي ختم ڪري انهن جي تسڪين جو ڪارڻ بڻبا.

قاضي مقصود احمد
مٺياري، 19 آڪٽوبر 2021

ڏرتيءَ جو سگهارو ۽ سنجيده شاعر امداد سهتو

فرانسيسي شاعر ريمبود جي شاعري جي پهرين شرط خود آگاهي يا خود شناسائي جي عائد ڪئي آهي. يعني هڪ سنو شاعر، اهو آهي جيڪو پنهنجي روح جي هر هڪ رمز کان واقفيت رکندڙ هجي ۽ هن کي هر هر هڪ آزمائش کي پار ڪرڻ جو حوصلو ۽ عزم هجي، پنهنجي پاڻ کي سيني احساسن ۽ جذبن جو ادراڪ سميت ڄاڻيندو هجي. محترم امداد سهتو هڪ اهڙو شاعر آهي جنهن جي شاعريءَ ۾ توهان کي حيات جا سيئي رنگ پنهنجو پنهنجو جلوو، پنهنجو پنهنجو روپ ۽ انفراديت ڏيکاريندي نظر ايندا. ائين چوڻ غلط نہ ٿيندو تہ هن حيات ۽ شعور ادراڪ سان محبت ڪئي آهي. تمام سادي انداز سان روان دوان لهجي ۾ گهري ڳالهہ ڪرڻ جو هنر ڄاڻي ٿو اهو ئي سبب آهي جو ٿوري ئي وقت ۾ هن پنهنجي الڳ اسلوب لب و لهجي سان هڪ منفرد شناخت ناهي آهي هن جي شاعريءَ ۾ سماج ۽ ڌرتيءَ جا سمورا رنگ پسي سگهجن ٿا امداد سهتي جي هنن شعرن ۾ نفاست سان شعور جي بيساختا اظهار جو هي انداز ڪيڏو نہ سياويڪ آهي:

روح کي ناهي پتو معلوم ٿيو،
جسم آخر ڇو سدا معدوم ٿيو؟

هرڪو هت آ رواج ۾ قاتل،
ماڻهو ماڻهو مزاج ۾ قاتل.

نيرچو آسمان روئي ٿو؟
هاءِ! ماڻهو جو مان روئي ٿو.

هن جي شاعريءَ ۾ زندگيءَ جا مَنا ۽ ڪسارا خوبصورت ۽ بدصورت سمورا عڪس جابجا نظر اچن ٿا. هو ڌرتيءَ کي امن آشتي واري ڌرتي ڏسڻ چاهي ٿو ته هتي ڪلفت نه پر الفت هجي نفرت نه محبت هجي. ڪوڙ نه پر سچ هجي امداد سهتي جي تخليقي صلاحيت جئين پوءِ تئين ايتري وسيع ٿيندي پئي وڃي، جيتري سندس شعوري سگهه وڌندي پئي وڃي مون کي يقين آهي ته سندس شعور ۽ شاعري هن سماج لاءِ هڪ لاٽ وانگر ٻرندا رهندا.

فرزانا شاهين
ڪراچي، 10 آڪٽوبر 2021

غير معمولي / غير روايتي شخص ۽ شاعر

عام معمول وارو روايتي ماڻهو ته عام جام آهي، پرڪو ڪو ماڻهو، موتيءَ داڻو، تڏهن ٿئي ٿو، جڏهن اهو عام ۽ روايتي نه، غير معمولي ۽ غير روايتي ٿي پوندو آهي. امداد سهتو، ڪنهن هڪ حوالي سان نه، انيڪ شاهدين سان، غير معمولي ۽ غير روايتي شخص ۽ شاعر آهي. عام ۽ روايتي ان ڪري نه آهي، ته امداد عام ۽ روايتي اڻ ويهه، ڪم ڪار، هل هلان، آرام ۽ وندر ڪندڙ نه آهي. ڇا به آهي، رشتا ناتا نڀائڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪندڙ، ڇنڻ مُور نه سکيل، سدائين ڳنڍڻ جي ڪوشش ڪندڙ، سهڻي سياءُ وارو، ملنسار، سهپ ۽ صبر وارو، ٻئي جي ڪم اچڻ جي ڪوشش ڪندڙ شخص آهي. ان سان گڏوگڏ مطالعو به ڪري ٿو، ڪچهريون به ڪري ٿو، جيئن ڏسي ٿو، ٻُڌي ٿو، پڙهي ٿو، ته محسوس به ڪندو آهي ۽ پوءِ لکيل پڙهيل ۽ ٻڌ سڌ رکڻ جي ناتي، پنهنجي جذبن ۽احساسن نيتن ۽ ارادن کي لفظن جي زبان به ڏئي ٿو.

امداد جڏهن به لکي ٿو، اتفاق سان، ڪڏهن ڪڏهن، نثر به لکي وٺندو آهي، پر اڪثر لفظن کي اهڙي طرح چوندي ۽ ترتيب ڏئي ٿو، جنهن کي شاعري چيو ويندو آهي. امداد توڙي جو شاعريءَ جي مختلف صنفن ۾ طبع آزمائي پئي ڪئي آهي، پراڻين توڙي نين متعارف ٿيل صنفن ۾ پئي لکيو آهي، پر شاعري جي مختلف صنفن ۾ نوان تجربا ڪرڻ سان گڏوگڏ شاعريءَ جون نيون صنفون متعارف ڪرائڻ جي ڪوشش ڪندڙن ۾ به شامل رهيو آهي. ان هوندي به، سندس شاعريءَ جو هيءُ مجموعو، جيڪو سندس ڇهريون مجموعو آهي، ان ۾ نموني طور سيني صنفن جا چونڊ اسم آڻي، هڪ ڀرپور، جامع مجموعو آڻڻ بدران، صرف غزل ترتيب ڏئي، پڙهندڙن تائين پهچائڻ جي موثر ڪوشش ڪئي آهي.

امداد سهتي جي غزل ۾، اهو سيڪجهہ آهي، جيڪو غزل ۾ هجڻ گهرجي. ان حد تائين بہ، تہ جيئن ٻين عام غزل گُو شاعرن جي غزل ۾ نہ آهي، يا تمام ٿورڙن شاعرن جي شاعري ۾ تمام گهٽ آهي، اهو امداد جي غزل ۾ "فوٽ نوٽ" (ٽڪڙي حوالي) جي صورت ۾ موجود آهي. جنهن سان پڙهندڙ کي خيال جي گهرائيءَ تائين لهڻ ۾ سولائي ٿئي ٿي. امداد سهتي هڪ صفحي جيتري راءِ لکڻ لاءِ چئي، مون کي اختصار لکي، پڙهندڙ کي الجهائڻ جي ذميواري سونپي آهي! ڇا نہ لکي، نہ لکان؟ نہ ته لکان!

مٺل جسڪاڻي
لياقت ٽائون، ٽنڊوڄام
خميس 06 آڪٽوبر 2021ع

امداد جي ڪويتا سورنهن سينگار ڪريو بيٺي آهي

شاعري زندگي جو گيت آهي انهي گيت ۾ ڪي رزميہ، ڪي انقلابي ڪي مزاحمتي ڪي سماجي ڪي سياسي ۽ ڪي خارجي تہ ڪي داخلي شعرن جي صورت ۾ هڪ تخليقڪار جي قلم مان نڪري ڪاغذ جو پيٽ ڀريندا آهن انهن سمورن شعرن ڪي ڳنڍي ملائي ڏسبو تہ جيون جو اهڙو گيت نظر ايندو جنهن ۾ دکن، دردن. خوشين. ٿهڪن مرڪن ڪان ويندي لڙڪن ۽ مسافري جا عڪس سامهون ايندا. هي سڀ تصويرون هڪ ڪوي پنهنجي ذهن ۾ پچائي پوءِ شعر رچيندو آهي انهي رچنا ۾ شاعر پنهنجي من پاونا سان گڏ جڳ پاونا بہ شامل ڪندو آهي جي ها بلڪل ايئن ئي شاعري جي سفر جو هڪ مسافر جيڪو فوج جهڙي سخت ڊيوٽي ادا ڪندي مختلف محاذن تان موت ڪي ڏسندي تتن ڪاڙهن ۾ جيءَ جهوريندڙ لُک سان لڙندي جسماني طور رُڪ ٿي روحاني طور ملائم نرم رهندي شائستگي اپنائيندي ڪويتائن ڪي پنهنجن ٻڪن ۾ پناهہ ڏيندي داخلي توڙي خارجي ڏيکن جا منظر چٽي ٿو ۽ پنهنجي اندر جي اور شعرن جي روپ ۾ اسان اوهان سامهون آڻي ٿو زندگي ۽ موت جي جيڪا شڪل امداد سهتي ناهي آهي اها ڪجهہ هن ريت آهي

موت هڪڙو وڏو سچ آ سنسار جو،
زندگي آهي ڪنهن باهہ ٻرڻيءَ جيان.

حياتي ۽ مرتيئو ٻئي سچ آهن ٻنهي جو هجڻ هڪٻئي جي هجڻ جي ثابتي آهي.. جيون ڪندن جي راهہ تہ ٻڌو پڙهيو هيوسين پر امداد زندگي کي "باهہ ٻرڻي" جهڙي نئين ترڪيب ڏئي اڇهيل خيال ڏئي

ويو آهي محبت عبادت آهي اها ڳالهه سُئي هئي پر پيار بابت هي شعر نڪور لڳو:

پيار امداد! آ بهشتي لباس،
خوب جيون تي سو جَڇيو آهي.

پيار جا انڪاري ڪافر ئي هوندا. پيار بهشتي لباس جو استعارو ايئن پيو موهي جيئن سورنهن سالہ جواني پاڻ ڏانهن ڇڪيندي آهي. امداد سهتي جي ڪويتا سورنهن سينگار ڪريو سامهون بيٺي آهي بس ضرورت آهي ان ڏي نهارڻ جي، ان نظر جي جيڪا حُسن جي پرک رکندي هجي. امداد جي شاعري فن ڪان ويندي فڪر تائين جيڪا وک کنئي آهي سا وک سجائي آهي ۽ سينگاريل سنواريل آهي سندس مجموعي ۾ اها سونهن پسي سگهجي ٿي.

خاڪي جاني
جوائنٽ سيڪريٽري
سنڌي ادبي سنگت سنڌ

شاعري ادب جي فڪري آڪسيجن آهي

دنيا جهان جي قومن جي تاريخ شاعريءَ ۾ ملي ٿي. ان ڪري شاعريءَ کي ساهه ۾ سانڍي رکيو ويو آهي. ادب، سماج، سياست ۽ مذهب جي پرچار به شاعري ۾ ڪئي وئي آهي. سماج کي فطرتي ذرائن ۾ پرکبو ته هر تهذيب جي شاعري کي پڙهڻ سان قوم جي ارتقا پڙهندڙن جي سامهون اچي ويندي.

سنڌو تهذيب جي پاڙيسري تهذيب کي ڏسجي ٿو ته انهن تهذيبن تي ادب جو اثر سنڌي ادب ۾ به ملي ٿو ۽ خود سنڌو تهذيب جا پاڙيسري ادب تي اثر پيي ملن ٿا.

هند، بنگلاديش ۽ ايران جي ادب جا نه رڳو موضوع پر شاعراڻيون صنفون به هتي لکجن ٿيون. مجموعي طور سيني ٻولين جي آڳاٽي ادب کي ڏسجي وائسجي ٿو ته آڳاٽي ادب کي صنفي طور گهٽ/ جزوي طور گهٽ، ڪُلي طور سڃاتو ويندو هئو. جيئن سنڌي تهذيب ۾ ڪيترين ۾ ئي ٻولين ملن ٿيون پر اهي مجموعي طور شاعريءَ کي ”ڪلام“ ڪوٺيندا هئا. اهڙي طرح هند ۾ شاعريءَ کي ٻاٽي، عرب ۽ ايران ۾ادبي اصطلاح ۾ سموري شاعريءَ کي قصيدو چوندا هئا.

شاعريءَ جي صنفن کي سڃاڻپ انهن شاعرن ڏني جيڪي تخليقي طور نقاد به هئا. انهن پنهنجين تخليقن کي صنفي بناوت ۽ فني سڃاڻ ڏنو آهي. سنڌ ۾ اسلام جي اچڻ کان اڳ عوامي شاعري ئي لکي ويندي هئي، جنهن کي ڪلام چيو ويندو هو. اسلام جي اچڻ کان پوءِ نظم آيو ۽ گهڻو دير کان پوءِ سنڌ ۾ غزل آيو. عربن ۽ ايرانين وٽ ڪلاسيڪل ادب ۾ قصيدو ۽ نظم هو پر ايراني ادب ۾ جڏهن رومانوي لهر جهڙيءَ طرح پختي تي گهلڻ لڳي ته غزل لکيو ويو ۽ غزل جو تاجي پيٽو مڪمل طور پيش ڪيو ويو. ايراني ادب ۾ جديد صنف ۽ ساڳي وقت رومانوي موضوع جي صنف غزل آهي. نظم جو اثر ايترو حاوي هئو جو غزل جي شروعاتي شاعرن غزل ۾ موضوعاتي طور مسلسل پڻو اچي ٿي ويو. ان ڪري مسلسل غزل به نظم جي پرسان هجڻ ڪري پنهنجي جاءِ اجا جوڙي نه ورتي هئي ته غزل لاءِ اهو لازم ڪيو ويو ته هر بند ۾ هڪ مڪمل خيال هجي.

سيني بندن کي هڪ موضوعاتي يڪسانيت کان آجو ڪرڻ لاءِ اهو لازم ڪيو ويو ته هر بند ۾ مختلف خيال هجي ۽ مڪمل به هجي. ايراني ۽ سنڌي غزل جا گهاڙيٽا ۽ فني بيهڪ جيڪي منهنجي مطالعي هيٺ آيا آهن انهن جو ذڪرڪرڻ ضروري سمجهان ٿو:

مسلسل غزل/ نظم نما غزل (اساسي غزل)، مردف غزل، مقفا غزل، با مطلع غزل، با مقطع غزل، بي مطلع غزل، بي مقطع غزل، مطلع ثاني/ حُسنِ مطلع غزل، مقطع ثاني غزل، طويل غزل، مختصر غزل، متفرقا غزل.

هڪ ڳالهه واضح ڪندو هلان ته فارسي، اردو توڙي سنڌي جي استاد شاعرن وٽ بي مطلع غزل کي غزل نه چيو ويو آهي پر ان کي قطعو چوندا هئا. ويهين صدي جي آخري ڏهاڪي کان پوءِ اردو ۽ سنڌي شاعرن ان کي غزل قبول ڪيو آهي. هن وقت گرمڪي، هندي، اردو، بنگالي، سنڌي شاعريءَ ۾ پنهنجين اساسي، ڪلاسيڪل توڙي جديد صنفن کان وڌيڪ نظم، نظم معرا، گيت ۽ غزل گهڻو تڻو لکيو وڃي ٿو. موضوعاتي ۽ فني سياءَ ۾ اهي چارئي صنفون سهل آهن. ان ڪري وڌيڪ رچيون وڃن ٿيون.

سنڌي شاعري ۾ تخليق ٿيندڙ ايڪويهين صديءَ ۾ مروج چئن صنفن ۾ به غزل ۽ معرا نظم وڌيڪ لکيو وڃي ٿو. باقي شاعراڻيون صنفون به ايڪڙ ٻيڪڙ ڪتابي صورتن ۾ اچن ٿيون. هي ڪتاب **"وڇايا ريت ۾ پيرا"** مڪمل غزلن جو مجموعو آهي.

عشق ۾ خاص ٿي ويو آهي،
يار "امداد" عام پيي ناهي.

امداد سهتو سنڌي شاعريءَ ۾ غزل جو پختو شاعر آهي. ۽ هن وٽ فني سٽاءُ فني رچاءَ به آهي. شاعريءَ جي حوالي سان تخليقي جمود آهي ان جمود واري دؤر ۾ جنهن شاعر کي پڙهيو وڃي ٿو ته خوشيءَ جهڙي ڳالهه آهي پر جيڪڏهن ڪنهن شاعر جي تخليق تي مثبت يا منفي لکيو وڃي ٿو اهو ته ان شاعر جو ڀاڳ آهي ڇو ته هِن دؤر وٽ ڪي سڄاڻ نقاد آهن ۽ وري ڪي سڄاڻ پاٺڪ آهن جيڪي به مختصر پاٺڪ يا نقاد آهن، انهن کي داد ڏيڻ به هن دؤر جي مجبوري آهي.

ڪائي به ٻولي ۽ ڌرتي سَنڌِ نه ٿيندي آهي پر معياري ۽ فني توڙي فڪري تخليق سگهاري انداز سان جنم نه وٺي سگهندي آهي.

اهڙا ايرا سيرا تخليقي دؤر سيني ٻولين ۾ خطن ۾ آيا هئا، آيا آهن، ايندا رهندا. جيئن شاهه لطيف جي سونهري دؤر کان پوءِ ٻه يا اجا ٻه وڏيڪ صديون معياري تخليق واريون صديون نه لکيون وينديون. ويهين صديءَ ۾ شيخ اياز فکري ولولي ۽ فني پختگي کڻي آيو آهي. شيخ اياز جي هم عصر دؤر جا کيترائي نمايا شاعر ملن ٿا ۽ انهن کي نظر انداز نه ٿو ڪري سگهجي.

مون کٿي چيو آهي ته امداد سهتو هن صديءَ جو وڏو شاعر آهي!؟ اوهان هن کي شاعر تسليم ڪيو اهو ئي امداد سهتي جو معراج آهي. هن شاعر جي شاعريءَ ۾ ردف ۽ مقفا پد کي سنيالي لکڻ جي هڪ وڏي خوبي موجود آهي جيڪا خوبي ورلي ڪنهن شاعر وٽ آهي. ٻوليءَ جي سياءُ ۾ لفظن جي اهميت کي ڄاڻيندي هن قافين کي مکمل عزت بخشيندي عروض جي ارڪانن ۾ لفظ ٽوڙيو ناهي، اها خوبي ۽ ٻيو انيڪ فني خوبيون امداد سهتي جي شاعريءَ ۾ ملن ٿيون. مثال طور هيٺ غزل جو مطلع ڏيان ٿو:

وچوڙي جا ڏکها رستا عمر آ پيرسنيءَ جهڙي!
کٿي منزل ٻڌا رستا عمر آ پيرسنيءَ جهڙي!

قافيي کي علم عروض جي ارڪانن ۾ چنيو ناهي لفظ جڏهن ارڪانن جي تقطيع ۾ ٻه اڌ ٿيندو آهي ته اهو معنوي ٽوڙي اصطلاحي اعتبار سان ان جي نه رڳو اهميت ڏکبي آهي پر لفظ ٻاتو ۽ ڇَسو ٿي ويندو آهي، سچيت شاعر ئي علم عروض جي پابندين ۾ پنهنجي ٻولي توڙي ٻي ٻوليءَ ۾ شاعراڻي ٻوليءَ کي قائم رکي سگهندو آهي نه ته علم عروض وارين صنفن ۾ سنڌي ٻولي کي اينءَ تقطيع وقت پڙهيو آهي جينءَ ڪنهن کپڙي کي گابو چباڙي ۽ پوءِ ڪپڙي کي ڪاٻار ئي نصيب ٿيندو آهي. امداد سهتو غزل ۾ ٻوليءَ جي پيشڪش جو انوکو ۽ پرپور معياري انداز رکي ٿو جيڪو ساراهه جوڳو آهي.

امداد سهتو غزل جي پختن شاعرن مان آهي ۽ هن جو مرغوب گهاڙيٽو مردف غزل آهي. توڙي جو غزليا ديوان مقفا ٿيندا آهن هڪ اڌ غزل ديوان ۾ مردف ٻه هوندا آهن پر امداد مردف غزل جو ديوان آڻيندو ته اها روايت سون تي ٽِڪَ جي برابر هوندي. هن ڪتاب ۾ اڪثريت مردف غزلَ جي آهي ۽ پنهنجي شاعراڻي مزاج ۾ مردف غزل جو ٻه رڳو پنهنجي ٿهيءَ جو نه رڳو پختو شاعر آهي پر وڏو

شاعر آهي. مثال طور اهي مردف غزل مان مثال پيش ڪيان ٿو جن غزلن جو رديف مڪمل پيغام رسائيندڙ آهن.

ڪير ڪنهن لاءِ مئو حياتي ۾!
شخص هڪڙو هئو حياتي ۾!

رديف ڪيترو معنيٰ خيز آهي، حياتيءَ ۾؟ تون نہ ملين ها تہ آئون ڪجهہ بہ نہ هجان هان. حياتيءَ ۾ سنا ڪم ڪري ورتا. حياتيءَ ۾ سڀ اميدون مڪملتا نہ ماڻي وڃنديون آهن، وغيره.

دل ۾ ڌمال دم دم،
ڏيندو وصال دم دم.

***

تو ڏني آ بهار نيڻن ۾،
تنهنجو آ انتظار نيڻن ۾.

***

من جي مستي خواب ڏسي ٿي،
ساري بستي خواب ڏسي ٿي.

***

رات جي سانت ۾ پور جاڳي پيو،
مئڪدي ۾ ڪو مخمور جاڳي پيو.

***

وڇوڙي جا ڏگها رستا عمر آ پيرسنيءَ جي!
ڪئي منزل ٻڏا رستا عمر آ پيرسنيءَ جي

***

جو نہ وسريو، سو زمانو ياد آ،
ساغر و مينا ميخانو ياد آ.

***

يار جو آسرو رهيو هر دم،
درد جو دائرو رهيو هر دم.

***

درد جنهن جو نصيب مون ڪي آ،
شخص سو ئي حبيب مون ڪي آ.

***

ننڊ ڪن ڪيئن خيال سنياسي!؟
مون ۾ آهن تہ ڀال سنياسي.

فارسي ادب ۾ غزل رومانوي شاعراڻي صنف آهي ۽ اڪيڊمڪ نياءُ هن صنف سان امداد سهتي ڪيو آهي ۽ سنڌي ادب جي غزل کي جهڙي طرح فني ۽ فڪري معراج بخشيو آهي ۽ شيخ اياز جي همعصر شاعرن جي پورهئي کي به وساري نه ٿو سگهجي. مردف غزل ۾ انوکو ۽ دلربا انداز امداد سهتي وٽ ملي ٿو.

خادم العلم
سنڌي ادب جي پرائمري اسڪول جو شاگرد
عزيز قاسماڻي
قاسماڻي هائوس- لاڙڪاڻو، سنڌ
10 آڪٽوبر 2021

امداد سهتو، سونهن جو متلاشي شاعر

جيتوڻيڪ مان ڪو شاعر ناهيان پر شاعر دوستن جي ويجهو ضرور آهيان. اهوئي سبب آهي جو مان هميشه شاعريءَ ۾ نوان پيغام يا نوان پسمنظر ڳوليندو رهيو آهيان. وليم ورڊس ورٿ چيو آهي: ”شاعر هڪ انسان آهي. جيڪو انسانن سان ڳالهائي ٿو، جنهن ڪي عام ماڻهن کان وڌيڪ شعور، جوش ۽ نازڪ احساس مليل آهن. سندس روح وسيع آهي، هن جو جذبو ٻين کان وڌيڪ لطف حاصل ڪري ٿو ۽ چاهي ٿو ته سڄي ڪائنات ۾ انهن جذبن ۽ امنگن سان ٺمٺار هجي“. ساهتي پرڳڻي سان تعلق رکندڙ خوبصورت تخليقڪار امداد سهتي جي ڪتاب ”وڇايا ريت ۾ پيرا“ جو مسودو منهنجي هٿن ۾ آهي. امداد درد ۽ رومانس ڀريي احساسن کي لفظن جا ويس پارائي شاعريءَ ذريعي اظهار ڪيو آهي. امداد سهتي سان لڳ ڀڳ ٽيرنهن سالن کان شناسائي رهي آهي ۽ پاڻ ۾ عزت، قدر، محبت ۽ پيار ڀريو رشتو رهيو آهي، جنهن جو سهرو سوشل ميڊيا ڏانهن ۽ امداد جي پيار ڀريي روييي ڏانهن وڃي ٿو. فيس بوڪ ۽ پوءِ سنڌي ادبي ورلڊ ائسوسيئيشن جي پليٽ فارم تان گڏ ڪم ڪندي سِڪيوسين ۽ پوڳيوسين ٻه. مائيڪ آندري لکيو آهي ته ”شاعري درد ۽ پيڙا جي پيٽ ڄائي آهي، هر اهو شخص جيڪو پوڳي ٿو ۽ درد سهي ٿو سو شاعر آهي. هن جو هر هڪ لڙڪ هڪ شعر ۽ هر دک هڪ نظم آهي.“ امداد سهتو پاڪستان جي مختلف علائقن ۾ نوڪريءَ سبب رهيو آهي ۽ ساڳي وقت هن فطرتي سونهن ۽ درد کي محسوس ڪندي ان کي شعرن جي اظهار جو ذريعو بڻايو آهي. هو فڪري ۽ فني حوالي سان رچيل ۽ پڪل رچنائون اسان جي اڳيان آڻيندو رهيو آهي. جيتوڻيڪ سندس شاعريءَ جو مجموعو ڪتابي

صورت ۾ ھاڻي ڇپجي رهيو آهي، پر ڊجيٽل ڊزائن جي صورت ۾ سندس شاعريءَ جو مجموعو ”انڊلٺ“ جي نالي سان 2012ع ۾ سنڌ سلامت پاران اپلوڊ ڪيو ويو ھو جنھن خوب مڃتا ماڻي ھئي.

امداد سهتي جي غزلن جي پنهنجي بيهڪ، رَسُ ۽ چَسُ آهي. هو بنيادي طرح رومانٽڪ شاعر آهي ۽ سندس غزلن ۾ دل لڳيءَ جو اهو رنگ خوب پسي سگهجي ٿو:

آ وڃايو وقت پنهنجو دل لڳي ۾ !
پيار پرتي آ رهيو هن زندگي ۾ !

***

حُسن تي شاعري عام تنهنجي لکي،
ڪاغذي سادگي مون وڃائي ڇڏي.

ياد امداد! آهن غزالي اکيون،
جن مٿان ساحري مون وڃائي ڇڏي.

امداد سهتو سدائين اميدن جون مشعلون ٻاري پنهنجا شعر لکندو رهيو آهي ۽ هن پروسي ۽ اميدن جي ان ڏيئي کي وسائڻ ناهي ڏنو ۽ اها ڳالهه غزل جي هن بند مان پروڙي سگهجي ٿي:

منهنجا هن امداد! مشعل ٿيا غزل،
هر لکيل اشعار تي آ پروسو

امداد سهتي کي سنڌ ۽ انسانيت سان پيار آهي جنهن ڪري هو سماج جي بدبودار روايتن خلاف کُلي لکي ٿو. امداد سمجهي ٿو ته سنڌ کهڙي ڏکيي دور مان گذري رهي آهي ۽ هو ڏسي ٿو ته پير پختا ڪرڻ، مضبوط ٿيڻ، گڏجڻ ۽ متحد ٿيڻ ڪانسواءِ هاڻي ڪو

چارو ئي ناهي. اها ڳالهه هن پنهنجي شعرن ۾ سمائي پنهنجو پيغام ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ ظلم جي عڪاسي ڪئي آهي.

اهو ميجڻ آ مرڻ برابر تہ دور نئين آ نواڻ آندي،
لتاڙي ماڻهو وڏي جو اڳتي اهو هتي آ جناب اوچو.

ڳليءِڳليءِ ۾ ظلم ٿئي ٿو اهو بہ ڪُلم ڪُلا ٿئي ٿو،
اندر اسان جي رڳو آ ماتم لڳي ٿو سارو حساب اوچو.

امداد سهتي جي اظهار جو ذريعو شاعري ئي آهي. شاعري هن جي ڏکن ۽ دردن جو درمان پاسجي ٿي. شاعري ئي آهي جنهن ۾ هو دل جي ڳالهه اوري ٿو. هن وٽ شاعري محبوب جو درجو رکي ٿي. هو وڇوڙي، دوکن ۽ ورهن کي لفظن ۾ سمائي پيش ڪري ٿو:

وڇوڙو جنم ٽيپ وانگي ڪٽيان پيو،
اوهان کي جو چاهيم وڏي ڪا خطا ٿي.

امداد سهتي جي غزلن ۾ محبوب جون اکيون ۽ وکريل وار، هوا جا جهوٽا بڻجي لفظن جو ويس پائن ٿا. هن جي غزلن ۾ سنڌوءَ جي هوائن جي هبڪار بہ آهي تہ ڪينجهر جي شام جي زرد رنگ جا لباس پڻ پاتل آهن. امداد جي غزلن ۾ ٿر جي پنل واريءَ جي خوشبو بہ آهي تہ محبوب جي لبن جي لالاڻ بہ آهي. هن وٽ محبوب ڌرتيءَ جو حسين ترين تحفو آهي.

جا چپن کي پوپٽ جا رنگ آ ڏئي ويئي،
مُرڪ چڻ هجي پهرين پار جي حياتي ۾.

امداد سهتي جي ڪتاب ڇپجڻ ۽ ان تي ٻہ اکر لکندي سرهائي ٿي رهي آهي، اميد تہ اوهان سڀ ڪتاب پڙهي امداد کي موٽ ضرور ڏيندا. اها موٽ هڪ ڪالم ۽ مضمون جي صورت ۾ هجي، تنقيدي يا تعريفي ليک جي صورت ۾ هجي يا ٻن سٽن جي راءِ جي صورت ۾ ڇو نہ هجي.

محمد سليمان وساڻ
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام

خوبصورت خواب جهڙو شاعر_ امداد سهتو

جديد سنڌي شاعريءَ ۾ جي نانءَ ٿوري عرصي ۾ ابري آيا آهن، امداد سهتو جو نانءُ بہ وثوق سان انهن ۾ شمار ڪري سگهجي ٿو. سنڌس فڪري سگهہ پٽر دلين کي ميڻ ڪرڻ جو هنر ڄاڻي ٿي. سنڌس ڏيمي مزاج واري طبيعت پڻ هن جي تخليقن ۾ نازڪيءَ سان نظر اچي ٿي.

پاڻ پنهنجي تخليقن ۾ تشبيهن جي هروڀرو ڀرمار يا لفاظي کان پاسو ڪندي گهٽ لفظن ۾ ان خيال کي پيش ڪيو آهي جو پنهنجي سادگي ۾ ڳوٺ جي فطري حسين ڇوڪريءَ جهڙو آهي. وٽس ادراڪ جي منزل شين کي حقيقت جي ويجهو پيش ڪري ٿي. نہ کي تخيل جي اجائي اڏار ۾ شعر جو مقصد غائب هجي.

جيتوڻيڪ سنڌس شاعري ۾ عام ماڻهوءَ جي ٻڪ کان وني ماڻهوءَ جي ڦڪي ڇانهہ پيئڻ تائين سمورا درد هن معاشري جي تنزلي جو سبب ٻڌن ٿا.

سنڌس ڪافي غزلن ۾ پرينءَ کي تعريف جو معراج بہ ڪرايل آهي تہ ڪيس وينتين جو وڏو جهان بہ پيش ڪيل آهي جو لڳي ٿو ڄڻ رحم جي اپيلن جي رجيڪٽنيلٽوڪري جيان آهي ۽ غزلن ۾ ڪافي شعر جديد شاعريءَ جا سمورا رنگ پسائين ٿا. سنڌس غزلن ۾ هڪ خاصيت اها آهي تہ اهي پنهنجي بيهڪ، پنهنجي پيشڪش ۾ انتهائي نرالا، سبق آموز ۽ دلفريب آهن. پاڻ غزلن ۾ بہ پنهنجي خيالي چابڪ دستي سان اجائي ڊيگهہ کان پاسو ڪندي، هروڀرو تشبيهن جي ڀرمار کان بچندي، پنهنجي خيالن کي خوب پوئي ويندا آهن. توهان سنڌس غزل پڙهي ڏسو، انهن جي لفظي ۽ خيالي رواني جو امتزاج انتهائي من موهيندڙ آهي

سنڌس لکيل غزلن جو رس چس الڳ، نرالو ۽ خوب آهي.

مجموعي طور امداد سهتو جي شاعريءَ ۾ ان زندگيءَ جا سمورا رنگ موجود آهن جي اندر جي اڪ سان ڏسندي ئي هارايل زندگي مرڪي پوي ٿي ۽ پوءِ اها زندگي نئين سري سان نئون ڪامياب اڻتڪ سفر شروع ڪري ٿي.

مختيار سهتو

اُمنگن جو البيلو شاعر امداد سھتو

شاعري احساسن جو سفر آهي ۽ بلڪل سفر اهو سڦلو ٿيندو آهي، جنهن سفر ۾ منزل ماڻبي آهي. سنڌ شعوري قوم آهي جتي صدين کان سنڌ جي ڇيڪي مٽيءَ جي پنوڙن مان جيڪي روح خلقيا ويا آهن يلي سائنسدان هجن، فلاسافر هجن يا شاعر مگر انهن پنهنجي اڻٿڪ محنت سان سنڌ ڌرتيءَ جو نالو روشن ڪيو آهي. شاعريءَ تي گهڻن شاعرن پنهنجا چوهه چنديا آهن، هاڻي انهن سان متفق هجڻ هر ڪنهن جي فڪر ۽ مزاج تي ڇڏجي ٿو ۽ هر ڪنهن ماڻهو کي مطمئن ڪرڻ ڪنهن جي وس ۾ ناهي پر منهنجي خيال مطابق شاعري هڪ احساسن جو روح آهي. جنهن کي شاعر پنهنجي ذات ڌانءَ سان وجود ۾ آڻي ٿو، اهو روح جيڪو ارواحن مان مئہ جا مَٽَ پي خماريل نيڻ کڻي اچي شاعر جي مٽيءَ آڏو پرڙا ڊاري اناالحق جا نعرا هڻي هوا جي رقص ۾ گم ٿي وڃي ٿو. علامہ اقبال ڪنهن ڪتاب ۾ پنهنجي اندر جي اڌمن جو اظهار اهڙي طريقي ظاهر ڪيو آهي ۽ يقيناً ڪڙو سچ آهي! "جڏهن شاعر جي اک کليل هوندي آهي تہ عوام جي اک بند هوندي آهي جڏهن شاعر جي اک بند ٿي ويندي آهي تہ عوام جي اک کلندي آهي." اها ئي وڏي بدنصيبي آهي جو اسان اهڙن شاعر جي احساسن جذبن جو احترام ۽ احساس ناهيون ڪندا. اهي قومون ڪڏهن بہ ترقي ناهن ڪري سگهنديون جتي شعور کي بالغ ٿيڻ کان اڳ ئي گٽر ۾ اڇليو وڃي! سنڌ ڌرتيءَ جي ڪک مان جنم وٺندڙ سنڌ جو سريلو شاعر جيڪو سچ جي ڪرڻن جيان چٽا ڪرٽا کڻي ايرندڙ شاعر امداد سهتو جنهن سان ڪڏهن ملاقات تہ ناهي ٿي مگر ادبي اوطاق تي هڪبئي سان محبت جا اهڙا پڪا پيچ پاتا آهن جنهن جو ڪاٿو ئي لڳائي نہ ٿو سگهجي.

امداد سهتو سهڻي شاعر سان گڏ اخلاق ڀريو مانجهي مرد آهي، سندس ادبي پورهيو ڪنهن کان بہ لڪل ناهي. امداد سهتي جي

شاعريءَ ۾ ڪرب بہ آهي تہ رابيل جا گل بہ مسڪرائن ٿا وصل جا واسا بہ آهن تہ انتظارن جا الڪا بہ ڪر ڪٽي بيٺل نظر اچن ٿا. هن ٿوري وقت ۾ سڄي سنڌ ۾ جيڪا ميجتا ماڻي عزت ڪمائي آهي ان تي ڪيس جس آهي.

اڄ سنڌس ايندڙ ڪتاب **"وڃايا ريت ۾ پيرا"** منهنجي اڳيان آهي جيڪو سڄو غزل جي صنف تي مشتمل آهي. امداد سهتي جو لکڻ جو رنگ ڍنگ سيني شاعرن کان الڳ آهي مان تہ ڪيس اُمنگن جو البيلو شاعر چوندو آهيان. هو پنهنجي مٽي ڳوهي ۽ پنهنجي خيالن مان ڏانءَ ڏات ذريعي تخليقن جي روحن ۾ ساهہ ڦوڪي منظر عام تي آڻي ٿو، جنهن جي نتيجي ۾ ڪيس هيڏيون محبتون ملن ٿيو. شاعري پڙهڻ تہ سولي آهي پر لکڻ سمجهڻ هڪ وڏوڏکيوڪم آهي جيڪا هر ڪنهن جي وس جي ڳالهہ نہ آهي. شاعري ائين ئي لکبي آهي جيئن امداد جون سٽون آهن:

پکين جاڳ آندي وڻن ۾،
سويري رياضت ڏني مون!

چا تہ قرطاس جي سيني تي خيال ٽڪ واري رليءَ جيان جرڪي مرڪي رهيا آهن! مون کي امداد سهتي جو مستقبل گهڻو روشن ٿو لڳي يقيناً اگر شاعر اهڙي ڪوشش سان ادب ۾ جاکوڙيندو رهيو تہ ڪاميابي اچي سنڌس پير چمندي .

صوفي امتياز ٻلال
مورو، آڪٽوبر 2021

سموري حياتِي سَفرَ ۾

امداد سهتي ڪي قُدرت / فطرت قوس قزح وانگي خوبصورت رنگن روپن سان نوازيو آهي، سندس شعورَ پُريو شاعراڻو شهر روشن ٿي روشن آهي. جنهن ۾ سيبتو سِٽن جو سينگارُ، جُملن جو جَمالُ، قافين جو ڪَمالُ ۽ رَديفَن جو رونق اَفروز ٿيڻ به روحن ڪي روشنيءَ سان گڏ رهبري بخشيندڙ هوندو آهي. سائين خليق ٻُگهيو هڪ جاءِ تي لکيو آهي تہ "ورجاءُ شاعريءَ جو نيلام گهر آهي ۽ تقليد شاعريءَ جي تخليقي روشنيءَ ڪي جهيٽو ڪري ڇڏيندي آهي. انتقاد، شاعريءَ جو ماپو ۽ ڪَسوٽي آهي. عَدم انتقاد، شاعريءَ جي شهرَ جي اوندهہ آهي. عقل شاعريءَ جو سُونهون ۽ سائنس شاعريءَ جي ميديڪل رپورٽ آهي. رازداري شاعريءَ جي حڪمت ۽ تخيلَ شاعريءَ جا پَرَ آهن. اسلوب شاعريءَ جي ضرورت، قدر، معنيٰ خيزي/ مطلب آهي. قافيا شاعريءَ جا ٿنڀَ آهن. رديفَ، شاعريءَ جا ٻانهن ٻيلي ۽ تجنيس شاعريءَ جي چاندوڪي آهي چند، شاعريءَ جو محبوب آهي. اِئين شاعريءَ جا رنگ، قدر، گسَ، پنڌ، سڌَ، راهُون، رستا منزلون ۽ مقامَ پنهنجي هڪ الڳ ڪائنات جوڙين ٿا. اُها ڪائنات گهڻن قِسمن جي Multifarious ٿئي ٿي، جنهن ۾ هر قِسم جو انسان پنهنجي جمالياتي حِس توڙي انقلابي سُڌُ سان رهي سگهي ٿو. شاعري ڪرڻ لاءِ تخليقي ذهن جو هُجڻ لازمي آهي. نہ تہ مصنوعيت، شاعريءَ جو نياڳُ بڻجي پوندي. شاعري ٻوليءَ تي دسترس گُهري ٿي. فَن جي ڄاڻ طَلبي ٿي. مُنفرد اسلوب گُهري ٿي ٽِيڪنڪ جي تقاضا ڪري ٿي" اهڙي ئي قسم جي شاعري منهنجي اڳيان موجود آهي جنهن جو شاعر هڪ بااخلاق، باڪردار ۽ باضمير آهي، سندس سُپاوِيڪ جي سرهاڻ تي ڪيترائي يونئرا پنيولجي پرن ٿا. اچو تہ پاڻ بہ سندس خيالَ جي خوشبوءَ سان واسجي وڃون.

امداد سائينءَ جي اندرَ ۾ بہ هڪ اهڙو ئي اَڻ کُٽندڙ ۽ اَٽِڪ سَفر جو سلسلو هلندڙ آهي. جنهن ڪيس شاعر بڻائي ڇڏيو ۽ شاعرن ۾ سندس نانءُ ڳڻائي ڇڏيو. امداد سهتي جي شاعريءَ کي جيئن جيئن گهرائيءَ ۾ پڙهي ڏسبو تيئن تيئن پرک ۽ پروڙ جا نوان نوان راز معلوم ٿيندا.

امداد سائينءَ جي شاعري بہ ڪارائتي ۽ لاڀائتي ثابت ٿيندي. اميد ٿي ڪجي تہ سندس هي پهريون شعري مجموعو نالي "وڇايا ريت ۾ پيرا" ادبي ميدان ۾ جهجهي جاءِ والاريندو.

معشوق مُحسن ابڙو
آڪٽوبر 2021ع

ڊاڪٽر امداد سهتي جو ڪتاب "وڇايا ريت ۾ پيرا" سمورو غزلن تي مشتمل آهي، جنهن جي غزلن ۾ فصاحت بلاغت ۽ سلاست ائين نظر اچي ٿي جيئن چوڏينهن جو چنڊ چوڏهينءَ تاريخ تي پنهنجي ڦوهه جوڀن ۾ آسمان جي هانوءَ تي نظر ايندو آهي.

امداد پياري جي خيالن ۾ هرڻيءَ جون ڇالون، لفظن ۾ مورڻن جو ٿلڻ ۽ اِظهار ۾ ڪوئل جي ٻولي طوطن جون تنوارون تترن جون لاتيون آهن، سندس غزلن ۾ مهراڻ جي موجن جهڙي رواني آهي، هجر جي موضوع ۾ سسئي جا سڏڪا، وصل ۾ نوريءَ جي نوڙت، ۽ وطن جي محبت مارئي جي ائين نظر اچي رهي آهي جيئن نئين ڪنوار ڪي سجايو ويندو آهي.

گرامر مطابق امداد پياري جي شاعري ۾ هي شيون به موجود آهن :

حرف استثناءَ، حرف استفهام، حرف اشارا، حرف اشتراڪُ، حرف اضافت، حرف افسوس، حرف بيان، حرف تاڪيد، حرف تحسين، حرف تشبيهه، حرف تمنا، حرف تميز، حرف جر، حرف جملو، حرف شرط، حرف شڪ، حرف صحيح، حرف عطف، حرف منفي، حرف ندا، جيڪي امداد سهتي پنهنجي شاعريءَ کي ڪونج جهڙي ڳچيءَ ۾ مالها وانگر پارايون آهن. جنهن جي سرهاڻ اڪر اڪر مان گلاب جي تازن گلن جيان اچي رهي آهي. انشاءَالله هيءُ شاعريءَ جو مجموعو گهڻن شاعرن جي رهنمائي جو وسيلو بڻجندو.

علام الماسُ عباسي لاڙڪاڻو

Major (R) Imdad Ali Sahito
The Poet of Serenity and Devotion

Imdad Ali Sahito is a retired army officer from the Army Medical Corps of Pakistan Army.

Known for his remarkable skills in poetry and his fondness towards the culture and poetry of Sindh. Being an army officer, he has travelled across multiple cultures and remote areas of Pakistan which enabled him to develop a keen eye of observation.

This ability of his combined with the skill of converting his observations into poetry, make it a fusion of realism and surrealism. This remarkable combination speaks to the heart and souls of the readers.

The ability to read between the lines, and contemplate upon the unobserved makes his poetry nothing less than a spiritual journey into a new realm. In his poetry, you experience the magic where expressing one’s self is put into a beautiful sequence of words and poetry.

Abdul Rahman Sahito
(Son)

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو.

اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book


وڇايا ريت ۾ پيرا
[شاعري]
امداد سهتو
شعور پبليڪيشن
10
شاعري ايستائين ڪو خاص مقام حاصل ڪري نٿي سگهي، جيستائين اُها نوان ني آڌاريل ناهي. اها اسلوب، تشبيهن، لفظن جي اُڻت، موضوعن ۽ پيشڪش جي نوان نٿي ٿي. امداد سهتي جي گهڻي شاعريءَ ۾ اها نوان نظر اچي ٿي، جيڪا کيس پڙهندڙن سان هڪ نئين شاعر طور متعارف ڪرائي ٿي.
امداد سهتي هونئن ته هين مروج صنفن کي به سُهڻي نموني پنهنجي اظهار جو ذريعو بڻايو آهي، پر غزل جي صنف تي کيس خاص دسترس حاصل آهي. سندس غزل فني توڙي فڪري طرح بي حد پڪا ۽ پُختا آهن، جن ۾ لفظن جو جڙاءُ، اسلوب ۽ تغزل بي حد خوبصورت آهي. هُن ڪيترن هنڌن تي ڏکين قافين ۽ رديفن کي به، هڪ پُختي شاعر جيان سولائيءَ سان ڪتب آندو آهي.
چوندا آهن: "رُليو نه کُليو". نوڪريءَ جي حوالي سان، امداد سهتي کي مختلف شهرن ۽ ماڳن تي وڃڻ ۽ رهڻ جو موقعو مليو آهي، ان رولاڪين به سندس تخليقي ذهن کي، تازي هوا ميسر ڪري ڏني آهي ۽ هُن به زندگيءَ جي تجربن ۽ مشاهدن کي، پنهنجي شاعريءَ ۾ آڻڻ لاءِ مهارت کان ڪم ورتو آهي.
شاعري يا ته شاعري هوندي آهي يا شاعري ناهي هوندي، ان لاءِ بي ڪا راءِ قائم نه ڪجي ته بهتر ٿيندو. امداد سهتي جي شاعريءَ کي ان ڪسوٽيءَ تي پرکيو ته، کُليل دل سان چوڻو پوندو ته: "امداد سهتي جي شاعري برابر شاعري آهي".
اياز گُل
سکر سنڌ
۲۲ نومبر ۲۰۱۱ع
9 789699 982808